


# سرسو

پهراڙيءَ جي ترقيءَ ۾ اوهانجو مددگار ادارو

جنوري - ڊسمبر 2022ع

مُک موضوع
سنڌ ۾ برساتي ٻوڏ
2022ع







## سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن

اهي ماڻهون جيڪي الله تي يقين رکن ٿا ۽ معاشري جي ڀلائيءَ
جا ڪم ڪن ٿا، انهن لاءِ انعام آهي (القران)

پـيـهـي جـان پـاڻ ۾، ڪـيـَـمِ رُوحَ رِهـاڻِ؛
تـه نـَـڪـو ڏُونـگـرُ ڏيـهَ ۾، نـَـڪـا ڪـيـچـيـُـن ڪـاڻِ؛
پُـنـهـون تِـيـَـسِ پـاڻ، سَـسُـئِـي تـان سُـورَ هـئـا.
(شاهه لطيف)

چهه ماهي
# سرسو
ميگزين

جنوري - ڊسمبر 2022ع


**ايڊيٽر**
نويد اسحاق ميمڻ

**اسسٽنٽ ايڊيٽر**
علي انور آزاد

**ايڊيٽوريل بورڊ**
غلام رسول سميجو
نياز احمد هنگورو
شازيه زبير
زبير سومرو
حفيظ بوزدار
عبدالمنان چاچڙ

**ڪمپوزنگ ۽ لي آئوٽ**
بخت علي ابڙو

**فوٽوگرافي**
محمد حنيف هنگورو



**رابطي لاءِ ڏس پتو**
مانيٽرنگ،ايويليشن ۽ ريسرچ يونٽ
سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو)
سرسو ڪامپليڪس ، شڪارپور روڊ، سکر (سنڌ)
فون: 071-56271820
فيڪس: 071-5627182-111
ويب سائيٽ: www.srso.org.pk
اِي ميل: info@srso.org.pk



ڇپيندڙ فائن آرٽ پريس سکر(سنڌ)


## فهرست


- ايڊيٽر پاران ____ 2
- چيف ايگزيڪيٽو آفيسر جو پيغام ____ 3
- ڪميونٽي ڪارڪنن سان ڳالهه ٻولهه: محترمه ڪشور ناهيد جي منظر ڳوناٽي عورتن سان ڳالهه ٻولهه ____ 4
- مُک موضوع: سنڌ ۾ برساتي ٻوڏ 2022ع ۾ سرسو جون امدادي سرگرميون 9
- سرسو عمل ۾: عورتن جي عالمي ڏينهن جون تقريبون ۽ سرسو جا مهمان ____ 26
- سرسو جي سرگرمين جون تصويري جهلڪيون ____ 29
- تعليم ۽ تربيت: آفتن جي گهٽتائي ۽ انتظامڪاري جا اهم اصطلاح ____ 36
- ڪاميابيءَ جون ڪهاڻيون: ڪميونٽي ادارن جون ٻوڏ دوران ڪيل امدادي سرگرميون ____ 38
- ڪميونٽي ادارن جو تعارف: ايل ايس او يونين ڪائونسل چائو ديرو ضلعو قمبر - شهدادڪوٽ ____ 44
- ٻيو رُخ: سنڌ ۾ ترقي ۽ غربت جي خاتمي جو سوال؟ ____ 48
- سرسو ۽ ميڊيا: اهم سرگرمين ۽ ڪاميابين جي مجتا ____ 52
- پينل انٽرويو: مشهور ترقياتي ماهر ۽ ليکڪ محترم نصير ميمڻ ____ 55



هيڊ آفيس: سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو)
سرسو ڪامپليڪس، شڪارپور روڊ، سکر (سنڌ)

# ايڊيٽر پاران

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) 2003ع ۾ هڪ ضلعي کان شروع ڪيل ڪم جو دائرو سنڌ جي 15 ضلعن تائين پکيڙي ورتو آهي، جنهن سماجي تحرڪ جي ذريعي غريب ترين گهراڻن کي پاڙي، ڳوٺ ۽ يونين ڪائونسل سطح تي متحرڪ ڪري ڪميونٽي ادارن جي شڪل ۾ منظم ڪيو آهي. سرسو انهن ادارن جي تنظيمي ڪم ڪار کي بهتر ڪرڻ، ترقياتي سرگرمين جي رٿابندي ۽ عمل ۾ آڻڻ توڙي جائزي وٺڻ ۽ مقامي مسئلن جي حل لاءِ لاڳاپيل ادارن سان رابطا ڪاري ۽ صلاحيت سازي جي حوالي سان به اهم ڪردار ادا ڪري رهي آهي. ان لاءِ ڪين مختلف قسم جون تربيتون ڪرائڻ کان علاوه عملي سرگرميون پڻ ڪيون وڃن ٿيون. بنيادي مقصد انهن ادارن جي ڪم ۽ ڪردار کي مضبوط ڪرڻ ۽ بهتر شڪل ۾ منظر عام تي آڻڻ آهي.

آفتون پوءِ چاهي قدرتي هجن يا انساني عمل سان هٿرادو اچن اڻ مٽ سماجي، معاشي ۽ ماحولياتي اثر ڇڏين ٿيون. جنهن سان انساني معاشرا تباهه ٿي وڃن ٿا يا ان تباهي مان نئين سري سان پنهنجي زندگي جو سفر شروع ڪن ٿا. آفتن جي روڪ، گهٽتائي ۽ بهتر انتظام ڪاري سان ان جي نقصانن ۽ اثرن کي گهٽ ڪري سگهجي ٿو. تازو آيل مها برساتي ٻوڏ خاص طور تي سنڌ تي وڏا ناڪاري اثر وڌا آهن. سرسو هڪ اداري طور پنهنجو ڪردار ادا ڪندي پنهنجي وسيلن ۽ ساٿي ادارن سان گڏجي 18 ضلعن ۾ متاثر ماڻهن جي بنيادي ضرورتن جي پورائي لاءِ ايمرجنسي رليف جو ڪم ڪيو. جڏهن ته بحالي ۽ ترقي لاءِ عملي اپاءُ پڻ وٺي رهي آهي. هي خاص شماري ان حوالي سان ئي ترتيب ڏنو ويو آهي.

هن شماري ۾ پاڪستان جي لِونگ ليجنڊ (Living Legend)، نالي واري ليکڪ، شاعره ۽ عورتن جي حقن جي اڳواڻ محترمه ڪشور ناهيد جي سرسو وزٽ دوران ٽن ضلعن ۾ ڪميونٽي ادارن ۽ هنرمند عورتن سان ڪيل ڳالهه ٻولهه به شامل آهي.

شماري لاءِ ماحولياتي آفت واري برساتي ٻوڏ ۽ ان جا سنڌ تي پونڌڙ اثرن ۽ مستقبل ۾ ان کان بچاءَ لاءِ حڪمت علمي کي سمجهڻ لاءِ نالي واري ترقياتي ماهر ۽ ليکڪ محترم نصير ميمڻ جو پينل انٽرويو ڪيو ويو، جيڪو پڻ پڙهندڙن لاءِ شامل آهي.

جڏهن ته سرسو ميگزين جا ٻيا سلسلا جهڙوڪ: ڪاميابيءَ جون ڪهاڻيون، ڪميونٽي ادارن جو تعارف، ٻيو رُخ، سرسو ۽ ميڊيا ۽ سرسو عمل ۾ جي سلسلي ۾ سرسو کي وزٽ ڪندڙن ۽ عورتن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي منعقد ڪيل سرگرمين جون خبرون پڻ شماري جو حصو آهن.

اسان جي ڪوشش هوندي آهي ته ميگزين جي ذريعي سرسو جي ڪم ۽ ڪردار کي منظر عام تي آڻيون ته جيئن ڪميونٽي ادارن جي صلاحيت وارو ڪم جاري رهي.

اسان کي توهان سيني پڙهندڙن ۽ مهربانن جي راين ۽ تجويزن جو انتظار رهندو.

**نويد اسحاق ميمڻ**

سينيئر مئنيجر ايم اي آر

# چيف ايگزيڪيٽو آفيسر جو پيغام

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) سنڌ جي ٻهراڙي جي ترقيءَ ۾ هڪ مددگار اداري طور پنهنجو ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. ترقي جو اهو سفر 2003ع ۾ سنڌ حڪومت جي رهنمائي ۾ سهڪار سان شروع ٿيو، جيڪو اڄڪلهه وڌي عملي طور تي 15 ضلعن تائين پهتو آهي. ان سفر ۾ سرسو جا ساٿي مختلف قسم جا سهڪاري ادارا ۽ ڏريون ٿيا آهن ۽ سماجي تبديلي ۽ ترقي جو اهو سفر معاشري ۾ سماجي - معاشي ۽ انساني ترقي جي حاصلات لاءِ منزل طرف گامزن آهي.

تازو برساتي ٻوڏ واري آيل آفت سبب سنڌ جي سموري سماجي- معاشي صورتحال تمام گهڻي متاثر ٿي آهي. خاص طور تي سنڌ جون ٻهراڙيون انيڪ مسئلن جي وَر چڙهي ويون. جتي اڳ ۾ ئي بنيادي معاشي ۽ تعميراتي ڍانچو ڪمزور هيو ۽ خدمتون مهيا ڪندڙ ادارن جي اڪثريتي عوام تائين ۽ عوام جي انهن تائين پهچ نه هئي. ان سموري صورتحال ۾ معاشري جا ڪمزور سماجي گروهه جهڙوڪ؛ عورتون ۽ غريب ترين گهراڻا وڌيڪ متاثر ٿيا آهن.

ان ڏکيءَ گهڙيءَ ۾ سرسو ماڻهن سان ڀرپور ڏينهن ڪان گڏ رهيو ۽ پنهنجي وسيلن آهر هنگامي بنيادن تي واهر پڻ ڪئي. خاص طور تي اهم ساٿي ادارن، حڪومتي محڪمن، خيراتي ادارن توڙي مخير فردن پاران مليل موٽ ساراهه جوڳي آهي. انهن جي وقتائتي ۽ ڀرپور مدد سان سرسو 18 ضلعن جي 186،331 خاندانن تائين هنگامي بنيادن تي امدادي خدمتون مهيا ڪرڻ جي قابل ٿي. ان برساتي آفت دوران سرسو جي منظم ڪيل ڪميونٽي ادارن ۽ ٽيم جي ساٿين جو ڪم ۽ ڪردار اهم رهيو. جن ڏينهن رات محنت ۽ جذبي سان ڪم ڪيو ۽ ضرورت مند خاندانن کي رليف ڏنو.

سرسو، وڌيڪ متاثر آبادي ۽ علائقن جي پائدار بحالي ۽ ترقي جي لاءِ مربوط ۽ گهڻ رُخي منصوبه سازي تحت ڪم ڪري رهي آهي. جو نه آفتن جي بهتر انتظام ڪاري ۽ انهن جي جٽادار حڪمت عملين ذريعي ئي خطرن ۽ نقصانن کي گهٽ ڪري سگهجي ٿو.

توهان جي ترقي جي سفر جو ساٿي

**محمد ڏتل ڪلهوڙو**

چيف ايگزيڪيٽو آفيسر

سرسو

### ڪميونٽي ڪارڪنن سان ڳالهه ٻولهه

**نالي واري ليکڪا، شاعره، ڪالم نگار ۽ عورتن جي حقن جي سرگرم ڪارڪن**

# ڪشور ناهيد پاران سرسو جو دؤرو

***(شڪارپور، لاڙڪاڻي ۽ خيرپور ضلعن ۾ قائم ڪميونٽي ادارن جي عورت اڳواڻن/ڪارڪنن ۽ ڀراڙي جي هنرمند عورتن سان گڏجاڻيون، ڳالهه ٻولهه ۽ انهن جي ڪم جو مشاهدو ڪيو)***

**شڪارپور، لاڙڪاڻو ۽ خيرپور/ مئي 11، 12 ۽ 13، 2022**




پاڪستان جي نالي واري ليکڪا، شاعره ۽ عورتن جي حقن جي علمبردار محترمہ ڪشور ناهيد مئي 11، 12 ۽ 13 2022ع تي سرسو جو دورو ڪيو ۽ ٽن ضلعن: شڪارپور، لاڙڪاڻو ۽ خيرپور ۾ ڳوناڻين عورتن پاران جوڙيل ڪميونٽي ادارن، گڏيل ڪاروباري ترقياتي گروپن ۽ هنرمند عورتن سان ملاقاتون ڪيون، انهن جو ڪم ڏٺو ۽ خيالن ۽ تجربن جي ڏي وٺ ڪئي. محترم محمد ڏتل ڪلهوڙو (سي اِي او سرسو) پڻ ٽئي ڏينهن ساڻس گڏ هو.

دوري جي پهرين ڏينهن شڪارپور ضلعو وزٽ ڪيو ۽ ڳوٺ لکي عاقل يو سي وزير آباد تعلقو لکي ۾ ڪميونٽي ادارن جي عورتن، حڪومت پاڪستان جي پاورٽي گريجوئيشن پروگرام ۽ بغير وياج مان فائدو حاصل ڪندڙ عورتن سان ترقياتي مڪالمو ڪيو. تعلقي لکي ۾ لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشنس (ايل ايس اوز) جي گڏيل پليٽ فارم خوشحال نيٽ ورڪ جي اڳواڻ عورتن مهمان کي پلي

## 50 ڊگري گرميءَ ۾ ڀراڙيءَ جي عورتن سان گڏ

**ڪشور ناهيد**

اسلام آباد ۾ املتاس جا گل ڦٽيل آهن ۽ سياست ۾ سپ گفت و ناگفت ماڻهون سياسي گل پڪيڙي رهيا آهن. مون فيصلو ڪيو تہ دل جلائڻ ڪان بهتر آهي تہ آئون ڪو باقاعده ٽيندڙ ڪم ڏسي وڃان. سنڌ جي ڳوٺن ۾ ”سرسو“ ۽ ”اين آر ايس پي“ ڇا ڪيو آهي؟ مون دل سنڀالي وزٽ جو پروگرام هن سخت گرمي ۾ ان لاءِ ناهيو تہ مون ڪي سچ لکي ۽ ڏٺي گهڻو عرصو ٿي ويو هو. الله جو نالو وٺي سکر لاءِ رواني ٿيس. 50 ڊگري سج جي اُسَ منهنجو امتحان وٺي رهي هئي ۽ آئون هيس جو شڪارپور، لاڙڪاڻو، خيرپور ۽ مورو جي ڳوٺن ۾ عورتن جي بالغن جي تعليم، صحت ۽ هنر جي مرڪزن ۾ ڊوڙ متي ڪي لتاڙيندي ڏتل صاحب ۽ عورت ڪارڪنن ڪي گڏ وٺي گرمي ڪي پوئتي ڇڏيندي هلندي رهيس. مورو ۾ تہ آئون اهو ڏسي حيران رهجي ويس جڏهن هڪ عورت هڪ لک 25 هزار روپيا وٺي خود ليبر ٿي هڪ مولوي صاحب جا 25 هزار ملائي ٻن ڪمرن ۽ ورانڊي وارو گهر

# ڪميونٽي ادارن ۽ ڪارڪنن سان ڳالهه ٻولهه

ڪار ڪيو ۽ پنهنجي اداري جو تعارف پيش ڪيو. تعارف ۾ تفصيل سان اداري جي جوڙجڪ توڙي منظم غريب گهراڻن،



جوڙيل اداران، مڪمل ڪيل ۽ هلندڙ منصوبن بابت ڄاڻ مهيا ڪئي. ان موقعي تي سرسو جي مختلف پروگرامن مان فائدو حاصل ڪندڙ عورتن پنهنجي ۽ خاندان ۾ آيل بهتري جون ڪهاڻيون ٻڌايون.

ٻئي ڏينهن محترمه ڪشور ناهيد لاڙڪاڻي جو دورو ڪيو ۽ يورپين يونين جي مالي مدد سان هلندڙ سڪسيس پروگرام هيٺ منظم ڪميونٽي ادارن ۽ ڪاروبار ڪندڙ عورتن سان ملي ۽ انهن جو ڪم ڏٺو. پاڻ ڳوٺ ٻلهڙجي يو.سي موهن جو دڙو ۾ سماج سيوڪ گڏيل ڪاروباري ترقياتي گروپ پاران ڪيس ناهڻ وارو اڏاڻي جو ڪم ڏٺو. گروپ جي عورتن ڪيس پنهنجي هنر ۽ ڪاروبار بابت ڄاڻ

ڻاهي ڇڏيو هو. ڪاش عمران خان بہ ”سرسو“ جي ڪارڪنن سا گڏجي ڪري 5 لک ئي گهر نهرائي ڇڏي ها. ڳوٺن ۾ خاص طور تي جيڪو ڪم گهڻي ٿيندي نظر آيو، اهو هو سولر پليٽس ناهڻ ۽ پوءِ ان جو استعمال تقريبن هر گهر، بازار ۽ جهوپڙي واري بالغن جي تعليمي مرڪز ۾ بہ هو. مون ڊڄندي ڊڄندي پڇو ” پئسا ڪٿا آيا؟“ ٻڌايو تہ قرض ورتو 10 هزار اين آر ايس پي ۽ ”سرسو“ کان . هاڻي واپس ڪيئن ڪندا؟ ٻڌايو تہ سال ۾ ادا ڪري ٻيون قرض وٺي ڪو ڪم ڪنداسين. هي جواب وڏي اطمينان سان ڳوناڻي عورتون ڏئي رهيون هيون. ڪمال جي ڳالهہ اها آهي تہ پوري سنڌ ۾ ڇوڪرين جا اسڪول تمام گهٽ آهن پوءِ بہ ڇوڪريون پرائمري اسڪولن ۾ پڙهڻ ڪانپوءِ مدلءِ مئٽرڪ، ڪڏهن ڪنهن اسڪول ۾ داخلا وٺي ۽ ڪڏهن پرائيويٽ مئٽرڪ پاس ڪري وٺن ٿيون. جيئن تہ هاڻي هر ڇوڪري وٽ بہ موبائيل فون جي سهولت موجود آهي، انهن پاڻ ئي انٽرنيٽ تي آرڊر وٺڻ، ڪشيده ڪاري، رلي ناهڻ ۽ مختلف قسم جو آچار ناهي مارڪيٽ ۾ وڪري جو هنر سکي ورتو آهي. گهڻائي شادي شده ۽ غيرشادي شده عورتن ٻوٽا وٺي نرسريون ناهيون آهن. ڪنهن گهر جي هڪ ڪمري يا ڪنڊ ۾ دوڪان کولي ٻارن جي اسڪول جا ڪتاب، ڪاپيون ۽ روزاني استعمال واريون شيون وڪرو ڪرڻ شروع ڪيون آهن. هڪ عورت تہ ماءُ جو گهر عورتن جي مارڪيٽ لاءِ وقف ڪري ڇڏيو آهي. هڪ صاحب جيڪو اسڪول ۾ پڙهائيندو رهيو آهي، ريٽائرمينٽ ڪانپوءِ پنهنجي گهر کي لائبريري ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي. ان پنهنجي گهر جو آڳر ڇوڪرين جي حوالي ڪري ڇڏيو آهي، جتي اهي ڳُڏيون ناهي ڪم سکي رهيون آهن ۽ گڏ ڪپڙن جا آرڊر وٺڻ بہ سکي رهيون آهن. جيئن تہ اين آر ايس پي ۽ منهنجي ڳُڏين جي ڪم کي اڳتي وڌائڻ ۾ 20 سال لڳا آهن، نتيجو سنو نہ هو تہ ڇوڪريون ڪم سکي، ڏاج ناهڻ کان پوءِ شادي ڪري ٻئي شهر هليون وينديون هيون. گهر ايترا ننڍا هئا جو ڳُڏيون نہ پئي لڳائي سگهيون. ان ڪري ڪم تہ هلندو رهيو، پر پڇاڻي ڪجهہ سني ڪانہ ٿي. ان جي برعڪس ”سرسو“ اهو منصوبو ٻڌايو تہ جيڪا ڇوڪري ڪم ۾ مهارت حاصل ڪري روزانو ڇهہ گز ڪپڙو ناهيندي، ان کي ڳُڏي انعام ۾ ڏني ويندي. مون موهن جي دڙي جي ڳوٺن کان واپس ريسٽ هائوس ۾ ڪاڏو ڪاڻڻ پهتيس تہ پُڇيو تہ هي ڪاڏو ڪنهن تيار ڪيو آهي تہ ٻڌايو ويو تہ هن علائقي جي هڪ عورت آهي، جنهن کي آرڊر ڏنو ويندو آهي ۽ ان کي رقم ڏني ويندي آهي.

ڳوٺ ۾ هر وڏي پوڙهي عورت، رلهي ناهڻ گهر ۾ ئي سکيو آهي. جيئن ڪپڙا سبڻ ۽ تقريباً هر غريب جي گهر ۾ گهٽ ۾ گهٽ 20 رلهيون موجود هونديون آهن. ۽ ڏيءَ کي شادي جي وقت ڏاج ۾ رلهيون ڏنيون وينديون آهن ۽ هاڻي تہ نوجوان ڇوڪريون انين تائين پڙهي گهر ۾ تيار ٿيل رلهيون روڊ ڪناري وڪري لاءِ رکن ٿيون. خيرپور جتي عورتون صرف ڪجين جي پتن تي ڪم ڪنديون هيون، هاڻ تيار ٿيل رلهيون جيڪي گهرن ۾ رکنديون هيون، روڊ ڪناري وڪري لاءِ ڏئي ڇڏين ٿيون. انهن سان ڪڏهن

## ڪميونٽي ادارن ۽ ڪارڪنن سان ڳالھ ٻولھ



ڳوناٽي تنظيم پاران تعمير ٿيل سرن جي پڪي گهٽي گهمي ڏٺي ۽ تنظيم ڪيس ٻڌايو تہ ڪهڙيءَ طرح انهن گڏيل صلاح سان اسڪيم جي چونڊ ڪئي ۽ مڪمل ڪري ڏيکاري. آخر ۾ ايل ايس او موهن جي درڙو پاران منعقد ڪيل گڏيل ورڪشاپ ۾ شرڪت ڪئي ۽ عورتن سان انهن جي زباني مسئلا ۽ تجويزون ٻڌيون.

آخر ۾ خيرپور ضلعي جو دورو ڪيو. جتي سنڌ حڪومت جي سهڪار سان هلندڙ عوام جي غربت گهٽائڻ واري منصوبي هيٺ عورتن پاران شروع ڪيل مختلف ڪم ڏنا ۽ ڏني تہ ڪهڙيءَ طرح سرسو سان ملي ڪاروبار شروع ڪيو ۽ ڪاميابيءَ سان هلائي رهيون آهن. پاڻ ڳوٺ لال بخش شيخ ۾ عورتن سان ملاقاتون ڪيون.

گهر جو بزرگ يا سندن امڙ بہ گڏ هوندي اٿن.

مون ڪابل، قنڌار، هرات جي ڳوٺن ۾ افغاني ڪشيده ڪاري ڪندي عورتن کي پڻ ڏٺو آهي. مون کي واپس پنهنجي ڳوٺن طرف اچڻو آهي. جتي مئٽرڪ جي امتحان ۾ اڪثر ٻار، استاد جي موجودگي ۾ ڪاپي ڪري پاس ڪندا آهن. ڪوئي روڪيندو بہ ناهي. جيئن عورتن ٻارن کي پيدا ڪري بہ بالغن جي تعليم وارو ڪورس پورو ڪري اڪائونٽ کولڻ ۽ پنهنجو نالو لکڻ سان گڏ قرض جي واپسي جو شيڊول بہ لکڻ سکيو، پر انهن جا مرد، اڃان بہ مزدوري ڪرڻ تي پاڙين ٿا، جيڪي انهن جا ابا، ڏاڏا ڪندي آيا آهن. ٽنڊو الهيار ۽ ٽنڊو محمد خان ۾ تمام گهٽي ساوڪ ۽ انبن جا باغ آهن، ڏسي ڪري قدرت جي عنايت تي رشڪ ايندو آهي. واهن ۾ پاڻي اچڻ شروع ٿيو آهي. هتي بہ بالغن جي تعليم جا مرڪز گهٽا ۽ اسڪول گهٽ آهن. هونءَ بہ جتي اسڪول آهن اتي استاد نٿا اچن، پوءِ ٻار بہ اچڻ ڇڏي ڏين ٿا. اڪثر ڳوٺن ۾ اڃان تائين ڇوڪرين جا اسڪول بہ ناهن. پاڻي جو بہ اهو ئي مسئلو آهي تہ صاف پاڻي پهريون تمام گهٽ هو، مگر هاڻي پاڻي صاف ڪري سائي رنگ جي نلڪن ۾ ايندو آهي ۽ ٻيو گدلو پاڻي، پيئڻ کان علاوه ٻين ڪمن ۾ استعمال ٿيندو آهي. سنڌ ۾ جيئن تہ تعليم ۽ نصاب بہ سنڌي ۾ آهي. عورتن ۾ اهو شعور اچي ويو آهي تہ سوٽن سان شادي ۾ ٿليسيميا جو خوف هوندو آهي، هاڻي چيڪ تہ شادي کان اڳ نہ ڪرائيندا، مگر سوٽن سان شادي کان لنوائين ٿا. اهڙيءَ طرح ڏي وٽ ۽ ننڍي عمر جي شادين جي واقعن کي ڳوٺن جي عورتن خود گروپ ۾ وڃي روڪرائي ۽ ڪيترن جڳهن تي ٿاڻي وڃي پوليس کي بہ گڏ وٺي آيون.

سنڌ جي جن ڳوٺن ۾ ويس، ان ۾ ڪي 15 ڇوڪرين ”بي اي“ ڪيو آهي. ڪجهہ تہ پنهنجي علائقي ۾ نوڪري بہ ڪري رهيون آهن ۽ ڪجهہ ڪاروبار ڪرڻ تي راضي نظر آيون. مون تہ اتي جي اسٽاف ۽ سربراهن سان مشورو ڪري انهن تمام عورتن کي لوڪل باڊيز ۽ صوبائي اسيمبلي ۾ اليڪشن ۾ حصو وٺڻ جي ترغيب ڏني. شايد انهن جي محنت سان ملڪ جي بدلجي سگهي.

**روزاني جنگ مئي**26، 2022

## ڪميونٽي ادارن ۽ ڪارڪنن سان ڳالهه ٻولهه

# ترقي جو سفر
# منظم ڀهراڙيءَ جي عورتن جون ڪانفرنسون

لاڙڪاڻو ـ قمبر شهداڪوٽ ( مارچ 22 ۽ جون 21، 2022ع

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) ۽ آر ايس پي اين پاران يورپين يونين جي مالي مدد سان شروع ڪيل سڪسيس پروگرام ڪاميابيءِ سان مڪمل ٿيڻ جي حوالي سان ضلعي انتظاميہ لاڙڪاڻو ۽ قمبر-شهدادڪوٽ جي سهڪار سان ترقي جو سفر جي عنوان هيٺ منظم ڪيل ڀهراڙيءَ جي عورتن جون ڪانفرنسون ٿي گذريون. جنهن ۾ پوري ضلعي ڪان هزار جي لڳ ڀڳ منظم ڳوٺاڻي عورتن ڀرپور شرڪت ڪئي. جڏهن تہ ٻنهي ضلعن جي ڊپٽي ڪمشنرن خاص مهمان طور شرڪت ڪئي.

پهرين ڪانفرنس لاڙڪاڻي ۾ ٿي گذري. جنهن ۾محترم طارق منظور چانڊيو ڊپٽي ڪمشنر لاِڙڪاڻو خاص مهمان هو. ڪانفرنس ۾ اهم سرڪاري ادارن جي ضلعي عملدارن پڻ شرڪت ڪئي. ڪانفرنس ۾ يورپين يونين جي مالي سهڪار سان هلندڙ سڪسيس پروگرام ذريعي منظم ڪيل ڳوٺاڻي عورتن پنهنجن جوڙيل ترقياتي ادارن، سماجي ۽ معاشي حوالي سان ڪيل قدمن ذريعي حاصل ڪيل ڪاميابين جون ڪهاڻيون پنهنجي زباني ٻڌايون. ان موقعي تي عورت اڳواڻن رضيہ، پروين ڪوسو، رقيہ خاتون، ارشاد خاتون، نائلہ خاتون ڳالهائيندي چيو تہ سرسو پاران شروع ڪيل سڪسيس پروگرام جي نتيجي ۾ نہ صرف انهن جي زندگي ۾ تبديلي آئي آهي، گڏوگڏ انهن ۾ اڳواڻيءَ واريون صلاحيتون پڻ پيدا ٿيون آهن ۽ هزارين عورتون اڳتي آيون ۽ ترقي جي عمل ۾ شامل ٿيون آهن. عورتن وڌيڪ چيو تہ تنظيمن جي قيام ڪانپوءِ انهن گهريلو ۽ ڳوٺ سطح تي بغير وياج جي قرضن،



# ڪميونٽي ادارن ۽ ڪارڪنن سان ڳالھ ٻولھ

هنري سکيا، صحت انشورنس ڪارڊز، ترقياتي اسڪيمن توڙي پنهنجي مدد پاڻ هيٺ ڪيترائي منصوبا شروع ڪيا ۽ ڪيامياب سان مڪمل ڪري ڳوناٽي ترقي ، سماجي تبديلي ، ترقي، عورتن جي خودمختياري ۽ غربت جي گھٽتائي ۾ واضع تبديلي آندي آهي.

مهمانِ خاص ڊپٽي ڪمشنر خطاب ڪندي چيو تہ عورتن جي ڀرپور شرڪت ۽ انهن ڪاميابي جون ڪهاڻيون ٻڌي پڪ ٿئي تہ عورتن جي ترقي جي عمل شرڪت ۽ اڳواٽي ڪرڻ ۾ ئي اسان جي مسئلن جو حل آهي. ان ڪري سنڌ حڪومت جو سرسو ذريعي غربت جي خاتمي ۽ ڳوناٽي ترقي لاءِ عورتن ذريعي ڪم ڪرڻ واري حڪمت عملي اختيار ڪئي جيڪا هڪ اهم ڪاميابي آهي. پاڻ وڌيڪ چيو تہ هاڻي اها اسان سرڪاري ادارن جي ذميداري آهي تہ انهن عورتن سان رابطاڪاري ڪري ۽ هرسطح ۽ ڪم ۾ انهن منظم عورتن ۽ ادارن جي مدد ونون ۽ پنهنجا ڪم بہ ڪاميابي سان ڪيون.

ان کان اڳ سڪسيس پروگرام جي ٽيم ليڊر جمال مصطفيٰ شورو پروگرام جو جائزو پيش ڪندي چيو تہ سرسو آر ايس پي اين جي شراڪتداري ۽ يوروپين يونين جي مالي مدد سان مارچ 2016 ۾ سڪسيس پرگرام جو آغاز ڪيو ۽ جڏهن اهو جون 2022 ۾ پنهنجي مقرر مدو پورو ڪري رهيوآهي، تہ اسان خوشي محسوس ڪري رهيا آهيون ان جي ڪري ڳوناٽي عورتن پنهنجو پاڻ کي گھر، محلي، ڳوٺ، يو سي سطح کان تعلقي ۽ ضلعي سطح تي منظم ۽ متحرڪ ڪيو آهي ۽ ترقياتي عمل ۾ اڳواٽي جو ڪردار ڪيو آهي، انهن جي مقامي، سرڪاري ادارن ۽ ضلعي انتظاميہ سان رابطي ذريعي ڳوٺ توڙِي علائقي جي مسئلن کي اجاگر ڪيو آهي ۽ پيروڪاري ذريعي حل پڻ ڪرايو آهي. سڪسيس پروگرام جي ضلعي لاڙڪاڻي ۾ حاصل اهم ڪاميابين جو ذڪر ڪندي پاڻ ٻڌايو تہ 3،453 ڪميونٽي آرگنائيزيشنس، 574 ولیج آرگنائيزيشنس ۽ 47 لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشنس جوڙيون ويون آهن انهن جي صلاحيت سازي ڪئي ويئي آهي. جڏهن تہ 16296 گھراڻن کي251.4 ميلن جو ڪميونٽي انويسٽ فنڊ مهيا ڪيو ويو آهي، 7،811 غريب گھراڻن کي 101 ملين انڪم جنريٽنگ گرانٽس پڻ مهيا ڪئي ويئي آهي. 5،434 فردن کي هنري سکيا ڏني ويئي آهي. 15958 غريب گھراڻن کي هيلٿ انشورنس ڪارڊز ذريعي صحت جون خدمتون مهيا ڪيون ويون آهن جڏهن تہ 412 ترقياتي اسڪيمون پڻ ڪيون ويون آهن،

جڏهن تہ ٻئي ڪانفرنس جون 15، 2022 ع تي قمبر ۾ منعقد ڪئي وئي. جنهن ۾ پڻ پوري ضِلعي کان منظم ڪيل ڪميونٽي تنظيمن جي 1000 جي لڳ ڀڳ عورتن ، سول سوسائٽي ۽ سرڪاري ادارن جي نمائندن شرڪت ڪئي. جڏهن تہ ڊپٽي ڪمشر محترم جاويد نبي ڪوسو خاص مهمان هو. هن پنهنجي خطاب ۾ چيو تہ سرسو ۽ آرايس پي اين قمبر-شهدادڪوٽ جي ڀهراڙي ۾ عورتن سان ڪم ڪرڻ هڪ وڏي ڪاميابي آهي. پروگرام هيٺ عورتن کي منظم ڪرڻ، انهن جون تنظيمون جوڙِي عملي منصوبا جوڙڻ ۽ عمل آڻڻ ساراھ جوڳا قدم آهن. هاڻي جڏهن پروگرام پڄاڻي طرف وڃي ٿو تہ اسان حڪومتي ادارن ۽ جوڙيل تنظيمن جي گڏيل ذميداري آهي تہ ان مشن کي اڳتي وڌايو. جنهن لاءِ اسان پنهنجو ڪردار ادا ڪندا سون.

ٻنهي ڪانفرنسن ۾ سرسو جي چيف فنانسل آفيسر آصف علي کھوڙو سڀني عورتن ۽ مهمانن کي ڀلي ڪار ڪيو ۽ اميد ڏيکاري هي ڪانفرنس شريڪ ادارن ۽ عورتن جي رابطاڪاري بهتر ٿيندي ۽ هڪ ٻئي مان سکندا.

ان موقعي تي سرسو جي مدد سان ڪاروبار شروع عورتن اسٽال هنيا ويا جن کي مهمانن وزٽ ڪيو ۽ سندس ڪم کي ساراهيو.



مُک موضوع

# سنڌ ۾ برساتي ٻوڏ 2022ع ۽ سرسو- ٻوڏ ايمرجنسي امداد

جائزو: نعمت الله ساوند ۽ علي انور آزاد
اسسٽنٽ مئنيجرز (سرسو-ايم اِي آر يونٽ) هيڊ آفيس سکر



**نُقصانن جو ڪاٿو**

**فوتگين جو تعداد**

757 (296 مرد، 140 عورتون ۽ 321 ٻار)

**زخمين جو تعداد**

8،422 (مرد 2، 964، عورتون 2،211 ۽ ٻار 3،247)

## مُک موضوع

### مري ويل چوپايو مال

432،852

### گهرن جو نُقصان

18،11،904 (مڪمل تباهه ٿيل گهر 683،180 ۽ اڌ تباهه ٿيل گهر 1128،724)

### متاثر ٿيل آبادي (23 ضلعن ۾)

14،563،770

### تباهه ٿيل روڊ

8،339 ڪلو ميٽر


### تباهه ٿيل پُليون

165

***حوالو: اين ڊي ايم اي ڊيلي اسٽريپ رپورٽ سيپٽمبر30، 2022)***

### سرسو- ٻوڏ ايمرجنسي امدادي ڪم 2022ع

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) ماحولياتي ٻوڏ جي تباهي ڏسي پهرين ڏينهن کان ئي هن ڏکي وقت ۾ ماڻهن جي سهائتا شروع ڪئي. ان لاءِ پنهنجي موجود انساني ۽ مالي وسيلن کي ڪتب آڻيندي پنهنجي پهچ وارن ضلعن ۾ ڪم شروع ڪيو. اهڙيءَ طرح ضلعي انتظاميه ۽ بين مدد ڪندڙ ڊونرز، يو اين ادارن، قومي ۽ بين الاقوامي غيرسرڪاري تنظيمن، ڪاروباري ادارن، خيراتي ادارن ۽ مخير ماڻهن جي مالي مدد سان سنڌ جي 18 ضلعن ۾ هنگامي مدد جي تمام شُعبن ۾ ڪم ڪيو. هڪ اندازي مطابق ڊسمبر 2022 تائين ڪل 1.37 ارب جا مالي وسيلا ڪتب آڻيندي 186،331 خاندانن کي هنگامي امدادي خدمتون مهيا ڪيون. هيٺ



## مُک موضوع

مختصر طور تي اهم امدادي خدمتن جو تفصيل پيش ڪجي ٿو.

- 73,001، راشن جو ٻوريون
- 57,943، پکل کاڌو
- 22, 072، سبيل ڪپڙا
- 5,345، تڙپاليون
- 2,279 ، امدادي ٽينٽون
- 22 ، واٽر فلٽريشن پلانٽس
- 373 ، ماحول دوست ليٽرينس
- 5,356 ، چوپائي مال جي خوراڪ
- 197,270، چوپايي مال جي ويڪسين
- 15,621، غير خوراڪي شيون
- 23 ، هٿ جا نلڪا
- 17,784، مڇر داڻيون
- 80,189 ، مريضن جو علاج
- 24,30 ، ڊگنٽي ڪٽس
- 18,270 گرم سامان جي ڪٽس
- 40,390 ، اڪوا ٽيبس
- 235,300 ، لٽر پيئڻ جو پاڻي
- 24,215 ، اڪواٽنٽس
- 2,966 ، جوتا / چپل
- 129 ، ڪٽڪ جي اٽي جا ٿيلا
- 100، ٻارن جي خوراڪ
- 510، مڇر مار ٽينٽس
- 245 ، ڳوڻين ۾ مڇر مار ڦوهارو

### تڪڙو ضرورتن جو جائزو Rapid Need Assessment

جولاءِ ۽ آگسٽ 2022ع دوران ملڪ جي مختلف حصن خاص طور بلوچستان ۽ سنڌ ۾ پوندڙ لڳاتار شديد بارشن جي ڪري سنڌ ۾ برساتي ٻوڏ آفت جي شڪل اختيار ڪئي. جنهن کي ماحولياتي برساتي ٻوڏ واري آفت طور تسليم ڪيو ويو. ان جي ڪري سنڌ جي هڪ وڏي آبادي سماجي ۽ معاشي حوالي سان هڪ متاثر ٿي.

سرسو هڪ سرگرم سماجي ترقياتي اداري طور پنهنجو ڪردار سمجهندي صورتحال جو جائزو خاص طور نقصانن جو ڪاٿو ۽ بنيادي ضرورتن جو لڳائڻ جي مقصد سان پنهنجي ڪم ڪرڻ واري علائقن ۾ تڪڙي ضرورتن جو جائزو سروي شروع ڪئي. ان مقصد جو بنيادي مقصد هيٺين سطح تي برساتي ٻوڏ جي صورتحال ۽ متاثر آبادي جي اهم ضروتون جي جائزو وٺڻ هو ته جيئن سرسو پنهنجي هنگامي امداد جو ڪم بهتر طور تي ڪري سگهي. ان مقصد لاءِ آگسٽ جي آخر ۾ 13 ضلعن ۾ سرسو اسٽاف مان چونڊ ڪري ، جائزو فارم تيار ڪري ۽ جائزي بابت بنيادي تربيت ڏئي ڪم شروع ڪيو.

سروي لاءِ گڏيل طريقڪار واري حڪمت عملي جوڙي وئي جنهن ۾ متاثر آبادي مان سروي ، مشاهدي ۽ فوڪس گروپ ڊسڪشن ذريعي حقيقي صورتحال جو جائزو ورتو ويو. ته ٻئي طرف لاڳاپيل ادارن جهڙوڪ: اين ڊي ايم اي، پي ڊي ايم اي، ڊي ڊي ايم اي، ميٽرو لاجيڪل ڊپارٽمينٽ توڙي ميڊيا ذريعي انگ اکر گڏ ڪيا ويا. ان لاءِ سروي ٽيم سڀ کان متاثر علائقن وزٽ ڪيا، نقصانن جو مشاهدو ڪيو ، متاثر آبادي جا انٽرويو ڪيا ۽ لاڳاپيل ادارن جي نمائندن جا انٽرويو ڪيا.

### سي اِي او سرسو جو ٻوڏ متاثر ضلعن جو دورو ۽ ٽيم سان گڏجي ريليف جي سرگرمين ۾ حصو ورتو

محترم محمد ڏتل ڪلهوڙو چيف ايگزيڪيٽو آفيسر سرسو برساتن سبب آيل ٻوڏ متاثر ضلعن جو جهڙوڪ ٺٽو، بدين، ميرپورخاص ۽ عمر ڪوٽ جو آگسٽ 28، 29 ۽ 30 تي تفصيلي دورو ڪيو. دوري جو مقصد برساتن سبب صورتحال جو جائزو وٺڻ، هنگامي امدادي ضرورتون جو اندازو لڳائڻ ۽ سرسو جي امدادي سرگرمين ۾ شامل ٿيڻ ۽ ٽيم کي همٿائڻ هو.

دوري دوران پاڻ برساتن سبب سخت متاثر علائقن جو دورو ڪيو، نقصانن جو مشاهدو ڪيو، سرسو جي جوڙيل ڪميونٽي داران ۽ متاثر ڪميونٽين سان ملاقاتيون ڪيون.

## مُک موضوع



سي اِي او سرسو پنهنجي دوري دوران 30 آگسٽ تي بدين ۽ ميرپورخاص ۾ ٻوڏ متاثر خاندانن ۾ هنگامي مدد جي سرگرمين ۾ حصو پڻ ورتو. بدين جي تعلقي ماتلي جي يوسي نبي بخش ڪمبوهه جي ڳوٺ راوت ڪلهي ۾ 100 راشن جا ٿيلها جڏهن ته ميرپور خاص جي تعلقي جهڏو جي سڀ کان وڌيڪ متاثر يو سي مير خدا بخش ۾ 200 خاندانن ۾ راشن ۽ سبيل ڪپڙن ورهائڻ واري سرگرمي ۾ حصو ورتو.

آگسٽ 31، تي عمر ڪوٽ جي دوري دوران متاثر ڳوٺن جو دورو ڪرڻ کان علاوه امدادي سرگرمين ۾ پڻ شامل ٿيو. ان حوالي سان ڳوٺ جتو پلي ۾ 200 خاندانن ۾ هنگامي امداد طور راشن ورهايو ۽ سرسو ٽيم کي همٿايو ته اهي سڀ کان وڌيڪ متاثر علائقن ۾ ضرورتمند خاندانن جي سڃاڻپ ڪري امدادي سرگرميون ڪري رهيا آهن.

### ريسڪيو آپريشن / گهوٽڪي 24 آگسٽ 2022ع

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) برسات دوران ۽ بعد ۾ پنهنجي ڪم ڪرڻ وارن ضلعن ۾ خاص طور تي ڪميونٽي ادارن ۽ ضلعي انتظاميہ سان ويجهو رابطي ۾ رهي ڪم ڪيو. لڳاتار تيز بارشن سبب آمد رفت جا سڀ ذريعا ختم ٿي ويا. بارشن سبب اڪثر علائقن ۾ پاڻي جو نيڪال نہ ٿيڻ سبب وڏي ٻوڏ جي صورتحال پيدا ٿي جنهن ڪري عام غريب خاندانن کي محفوظ طريقي سان نڪرڻ وڏو مسئلو آهي. اهڙي صورتحال سبب گهوٽڪي تعلقي جي يوسي قادرپور ۾ پيدا ٿي جنهن ڪري 11 خاندان برسات جي پاڻي ۾ ڦاسي پيا. جنهن لاءِ سرسو گهوٽڪي لاڳاپيل انتظاميہ سان گڏجي ريسڪيو آپريشن ڪري ٻيڙين ذريعي محفوظ جڳهن تي پهچايو.

## مُک موضوع



### ضلعي وار اهم سرسو- ايمرجنسي امداد جو تفصيل

سرسو پاران آگسٽ-ڊسمبر 2022ع دوران ٻوڏ متاثر سنڌ جي 18 ضلعن ۾ ايمرجنسي بنيادن تي رليف ۽ جلد بحالي واري ڪم جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو.

#### ڪاڌ خوراڪ

| لاڙڪاڻو | بدين | عمر ڪوٽ | ٺٽو | سانگهڙ | ميرپورخاص | خيرپور | سکر | گهوٽڪي |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| 713 | 14,250 | 3,134 | 4,782 | 7,135 | 4, 135 | 15,594 | 9,730 | 397 |
| ڪل تعداد | ڄامشورو | دادو | حيدرآباد | نوشهرو فيروز | جيڪب آباد | شڪارپور | ڪشمور ايٽ ڪنڌڪوٽ | قمبر-شهدادڪوٽ |
| 73,001 | 192 | 6.060 | 64 | 580 | 700 | 600 | 1,230 | 3,500 |

#### طبي امدادي خدمتون

| شڪارپور | عمر ڪوٽ | سانگهڙ | ميرپورخاص | خيرپور | سکر | گهوٽڪي |
|---|---|---|---|---|---|---|
| 34,400 | 382 | 7.840 | 8,540 | 2,710 | 1,980 | 1,130 |
| ڪل تعداد | قمبر-شهدادڪوٽ | جيڪب آباد | لاڙڪاڻو | بدين | عمر ڪوٽ | ٺٽو |
| 80,189 | 18,684 | 321 | 3,372 | 160 | 382 | 670 |

## مُک موضوع

### چوپايي مال جي ويڪسين

| كل تعداد | عمر ڪوٽ | ٺٽو | سانگهڙ | ميرپور خاص | خيرپور | سکر | گهوٽڪي |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| 197,270 | 25,972 | 14,270 | 11,560 | 11,560 | 25,610 | 17,230 | 7,233 |
| | لاڙڪاڻو | بدين | نوشهروفيروز | جيڪب آباد | شڪارپور | ڪشمور ايٽ ڪنڌڪوٽ | قمبر-شهدادڪوٽ |
| | 8,259 | 11,850 | 10,679 | 13,456 | 9,720 | 4,874 | 24,997 |

### سبيل ڪپڙا

| كل تعداد | لاڙڪاڻو | بدين | عمر ڪوٽ | ٺٽو | سانگهڙ | ميرپور خاص | خيرپور | سکر | گهوٽڪي |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| 22,072 | 499 | 700 | 500 | 792 | 1,550 | 2,973 | 4,270 | 4,145 | 3,728 |
| | قمبر-شهدادڪوٽ | دادو | ڄامشورو | ڪراچي | حيدرآباد | نوشهروفيروز | جيڪب آباد | شڪارپور | ڪشمور ايٽ ڪنڌڪوٽ |
| | 103 | 500 | 19 | 75 | 600 | 675 | 391 | 528 | 100 |

### ترپاليون

| كل تعداد | شڪارپور | ڪشمور ايٽ ڪنڌڪوٽ | قمبر-شهدادڪوٽ | لاڙڪاڻو | بدين | ٺٽو | سانگهڙ | ميرپور خاص | خيرپور | سکر | گهوٽڪي |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| 5,345 | 119 | 100 | 20 | 186 | 3,595 | 15 | 350 | 200 | 560 | 140 | 30 |

### عارضي گهر / ٽينٽس

| كل تعداد | شڪارپور | ڪشمور ايٽ ڪنڌڪوٽ | لاڙڪاڻو | بدين | ميرپور خاص | خيرپور | سکر | گهوٽڪي |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| 2,279 | 10 | 435 | 47 | 1,288 | 74 | 235 | 180 | 10 |

### پٽ ليٽرينس جي تعمير

| كل تعداد | دادو | شڪارپور | ڪشمور ايٽ ڪنڌڪوٽ | قمبر-شهدادڪوٽ | بدين | سانگهڙ | ٺٽو | ميرپور خاص | خيرپور | سکر |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| 373 | 100 | 25 | 5 | 73 | 5 | 5 | 77 | 25 | 48 | 10 |

## مُک موضوع

### پڪل ڪاڏي جي ورهاست

| ڪل تعداد | دادو | شڪارپور | ڪشمور ايٽ ڪنڌڪوٽ | قمبر-شهدادڪوٽ | لاڙڪاڻو | بدين | عمرڪوٽ | ميرپور خاص | خيرپور |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| 57,943 | 1,500 | 1,368 | 1,200 | 50 | 175 | 5,000 | 400 | 250 | 48,000 |

### صحت ۽ صفائي ڪٽس

| ڪل تعداد | قمبر-شهدادڪوٽ | عمرڪوٽ | ٺٽو | سانگهڙ | ميرپور خاص | خيرپور | سکر | گهوٽڪي |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| 15,621 | 1,833 | 106 | 1,758 | 350 | 170 | 978 | 670 | 160 |
| | دادو | ڄامشورو | ڪراچي | حيدرآباد | جيڪب آباد | لاڙڪاڻو | شڪارپور | ڪشمور ايٽ ڪنڌڪوٽ |
| | 1,000 | 19 | 75 | 3 | 15 | 8,102 | 25 | 360 |

### صحت ۽ صفائي بابت جاڳرتا ويهڪون

| ڪل تعداد | ڪراچي | حيدرآباد | ٺٽو | ميرپور خاص | شڪارپور | قمبر-شهدادڪوٽ | لاڙڪاڻو | خيرپور | سکر | گهوٽڪي |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| 25.282 | 75 | 70 | 1,579 | 1,458 | 555 | 2,513 | 6,402 | 11,860 | 350 | 360 |

### مڇر داڻيون

| ميرپور خاص | جيڪب آباد | قمبر-شهدادڪوٽ | بدين | عمرڪوٽ | خيرپور | سکر | گهوٽڪي |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| 600 | 1,198 | 460 | 3,520 | 177 | 4,810 | 3,458 | 90 |
| ڪل تعداد | دادو | حيدرآباد | شڪارپور | ڪشمور ايٽ ڪنڌڪوٽ | لاڙڪاڻو | ٺٽو | سانگهڙ |
| 17,784 | 60 | 3 | 952 | 700 | 336 | 120 | 1,300 |

### ايم ايچ ايم ڪٽس

| دادو | حيدرآباد | قمبر-شهدادڪوٽ | لاڙڪاڻو | بدين | عمرڪوٽ | سانگهڙ | ميرپور خاص |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| 1,100 | 3 | 6,775 | 3,372 | 20 | 557 | 390 | 760 |
| ڪل تعداد | جيڪب آباد | شڪارپور | ڪشمور ايٽ ڪنڌڪوٽ | ٺٽو | خيرپور | سکر | گهوٽڪي |
| 24,301 | 219 | 6,560 | 615 | 150 | 1,300 | 4,00 | 60 |

## مُک موضوع

### غير خوراڪي شيون

| کل تعداد | لاڙڪاڻو | عمرڪوٽ | ٺٽو | سانگهڙ | ميرپور خاص | خيرپور | سکر | گهوٽڪي |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| 10,414 | 1,832 | 353 | 737 | 568 | 2,399 | 1,650 | 1,470 | 20 |
| | دادو | ڄامشورو | قمبر- شهدادڪوٽ | جيڪب آباد | شڪارپور | ڪشمور ايٽ ڪنڌڪوٽ | ڪراچي | حيدرآباد |
| | 1,000 | 0 | 530 | 159 | 100 | 220 | 115 | 39 |

### پاڻي صاف ڪرڻ واريون گوريون

| جيڪب آباد | شڪار پور | گهوٽڪي | قمبر- | لاڙڪاڻو | بدين | عمر ڪوٽ | ٺٽو | سانگهڙ | ميرپور خاص | خيرپور | سکر | ڪشمور |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| 1,38 0 | 2,000 | 2,600 | 7,800 | 4,000 | 3,500 | 2,000 | 1,395 | 6,000 | 6,000 | 2,220 | 2,945 | 1,300 |

| کل تعداد | 43,140 |
|---|---|

### جوتا / چپل

| کل تعداد | ڄامشورو | حيدرآباد | عمرڪوٽ | سانگهڙ | ميرپور خاص | خيرپور | سکر | گهوٽڪي |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| 2,966 | 14 | 15 | 196 | 124 | 1,087 | 170 | 1,000 | 360 |

### ڳوٺن ۾ مڇر مار ڦوهارو

| کل تعداد | نوشهروفيروز | ڪشمور ايٽ ڪنڌڪوٽ | لاڙڪاڻو | سانگهڙ | خيرپور | سکر |
|---|---|---|---|---|---|---|
| 245 | 41 | 42 | 43 | 37 | 39 | 46 |

### سردي کان بچاءُ جون ڪٽس

| کل تعداد | دادو | عمرڪوٽ | ٺٽو | سانگهڙ | ميرپورخاص | خيرپور | سکر | گهوٽڪي |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| 18,270 | 500 | 300 | 1.343 | 800 | 2,750 | 1,600 | 5,647 | 700 |
| | ڄامشورو | حيدرآباد | بدين | نوشهروفيروز | جيڪب آباد | ڪشمور ايٽ ڪنڌڪوٽ | قمبر- شهدادڪوٽ | لاڙڪاڻو |
| | 14 | 15 | 300 | 1,500 | 600 | 600 | 850 | 180 |

## مُک موضوع

او آر ايس (60 ساچي في پاڪيٽس)

| ڪل تعداد | دادو | نوشهروفيروز | بدين | ٺٽو | سانگهڙ | ميرپورخاص | خيرپور | سکر |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| 279,250 | 1,000 | 400 | 900 | 7,00 | 8,000 | 8,000 | 259,250 | 1,400 |

جانورن جو چارو

| ڪل تعداد | جيڪب آباد | شڪارپور | قمبر-شهدادڪوٽ | لاڙڪاڻو | خيرپور | سکر |
|---|---|---|---|---|---|---|
| 5,356 | 1,525 | 223 | 604 | 1,165 | 1,530 | 306 |

پاڻي صاف ڪرڻ وارا پلانٽس

| ڪل تعداد | دادو | نوشهروفيروز | جيڪب آباد | شڪارپور | سانگهڙ | ميرپورخاص | خيرپور |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| 22 | 3 | 5 | 2 | 3 | 1 | 1 | 7 |

هٿ جا نلڪا

| ڪل تعداد | ٺٽو | سانگهڙ | ميرپور خاص | خيرپور | سکر |
|---|---|---|---|---|---|
| 23 | 3 | 3 | 5 | 10 | 2 |

پيٽ پريي عورتن لاءِ چمڙ واريون ڪٽس

| ڪل تعداد | شڪارپور | قمبر-شهدادڪوٽ | خيرپور | سکر |
|---|---|---|---|---|
| 47,450 | 300 | 300 | 46,000 | 250 |

جانورن لاءِ مڇرمار ٽينٽس

| ڪل تعداد | جيڪب آباد | خيرپور |
|---|---|---|
| 510 | 500 | 10 |



## مُک موضوع

# سرسو- ساٿي ادارن سان ڪيل ماحولياتي ٻوڏ ايمرجنسي امداد 2022ع

### ٽينٽن ۽ روڊن تي ترسيل 57943 ٻوڏ متاثرن ۾ پڪل کاڌي جي ورهاست




سرسو پنهنجي وسيلن توڙي مختلف ايمرجنسي امداد جي ساٿي ادارن خاص طور تي رزق، مونال فائونڊيشن، گلوبل ميڊڪ ۽ ورلڊ سينٽرل ڪچن جي مدد سان برساتي ٻوڏ جي ڪري لڏپلاڻ ڪري آيل ۽ عارضي ٽينٽن ۽ روڊ طرف ترسيل متاثرين جي هنگامي بنيادن تي خوراڪ جي ضرورت پوري ڪرڻ لاءِ رليف سروس شروع ڪئي. ان لاءِ سنڌ جي سڀ کان وڌيڪ متاثر 9 ضلعن: خيرپور، ميرپورخاص، عمرڪوٽ، بدين، لاڙڪاڻو، قمبر-شهدادڪوٽ، ڪشمور ايٽ ڪنڌڪوٽ، شڪارپور ۽ دادو ۾ ڪل **57،943** فردن کي تازي ۽ توانائي بخش خوراڪ جنهن ۾ گوشت، صاف پاڻي، ماني ۽ ميووا پڻ شامل هئا مهيا ڪيو ويو. خوراڪ هر فرد جي پهرين ۽ بنيادي ضرورت ۽ حق آهي. خاص طور تي عارضي پناهه گاهن ۾ ترسيل فرد جي لاءِ اهو ضروري آهي. ان دوران سرسو کي ضلعي انتظاميه جي مدد پڻ حاصل رهي.

| ڪل تعداد | دادو | شڪارپور | ڪشمور ايٽ ڪنڌڪوٽ | قمبر-شهدادڪوٽ | لاڙڪاڻو | بدين | عمرڪوٽ | ميرپور خاص | خيرپور |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| 57,943 | 1,500 | 1,368 | 1,200 | 50 | 175 | 5,000 | 400 | 250 | 48,000 |

### 24,301 ايم ايڇ ايم ڪٽس جي ورهاست

اها حقيقت آهي ته بهتر ذاتي صفائي، سُترائي بهتر صحت جي ضامن آهي. جنهن ذريعي مختلف بيمارين کان بچاءَ کان علاوه ان جي ڦهلاءَ کي به موثر طور تي روڪي سگهجي ٿو. ڪنهن به آفت ۽ ايمرجنسي صورتحال ۾ صفائي ۽ سترائي کي يقيني بڻائڻ، عورتن ۽ نوبالغن ڇوڪرين جي ضرورتن جو خيال رکڻ ضروري هوندو آهي. ان ڪري سرسو ان اهم ضرورت جو خيال رکندي هنگامي بنيادن تي ڪم ڪيو. ان لاءِ پنهنجي وسيلن کي ڪتب آڻيندي ۽ پنهنجي ساٿي اداري رورل سپورٽ پروگرامز نيٽ ورڪ (آر ايس پي اين) ۽ يو اين ايف پي جي سهڪار سان سنڌ جي 15 ضلعن ۾ عارضي ڪئمپن ۾ رهندڙ عورتن ۽ ڇوڪرين ۾ ڪل **24،301 ايم ايڇ ايم ڪٽس** ورهايون.



## مُک موضوع

| دادو | حيدرآباد | قمبر-شهدادڪوٽ | لاڙڪاڻو | بدين | عمرڪوٽ | سانگهڙ | ميرپور خاص |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| 1,100 | 3 | 6,775 | 3,372 | 20 | 557 | 390 | 760 |
| ڪل تعداد | جيڪب آباد | شڪارپور | ڪشمور ايٽ ڪنڌڪوٽ | ٺٽو | خيرپور | سکر | گهوٽڪي |
| 24,301 | 219 | 6,560 | 615 | 150 | 1,300 | 4,00 | 60 |

***آرايس پي اين ۽ پي سي آءِ جي منصوبي تحت ٻوڏ ايمرجنسي امدادي سرگرميون***




سرسو، آر ايس پي اين سان گڏجي پي سي آءِ جي مالي مدد سان خانداني منصوبہ سازي تي شڪارپور ۽ قمبر-شهدادڪوٽ ضلعن ۾ منصوبو هلائي رهي آهي. ٻوڏ ايمرجنسي ڪانپوءِ آڪٽوبر 2022ع کان عورتن جي صحت ۽ صفائي جي بهتري لاءِ امدادي سرگرميون شروع ڪيون ويون، جنهن تحت ٻنهي ضلعن جي سڀ کان متاثر ڳوٺن ۾ مفت طبي ڪيمپون، امدادي سامان ۽ جاڳرتا مهم واريون سرگرميون ڪيون. اهڙيءَ طرح ڊسمبر 31، 2022 تائين ٻنهي ضلعن ۾ 380 طبي ڪيمپن ذريعي ڪل 41،054 ماڻهن جو مفت علاج ڪيو ويو، جنهن ۾ **10،174** مرد، **13،194 عورتون ۽ 17،686 ٻار** شامل هئا. جڏهن ته طبي مدد کان علاوه 600 ڊليوري ڪٽس، 600 ٻيبي ڪٽس ۽ 12،661 عورتن ۾ ڪٽس پڻ ورهايون ويون آهن.

ان کان علاوه 298 صحت ۽ صفائي بابت ڪميونٽي سطح تي جاڳرتا ورڪشاپس پڻ منعقد ڪيا ويا، جنهن ۾ ڪل 16،481 متاثر ڪميونٽي کي بهتر صحت ۽ صفائي بابت آگاهي ڏني وئي.

***ملٽيزر انٽرنيشنل سان ايمرجنسي امداد جون سرگرميون***

سرسو ملٽيزرانٽرنيشنل (Malteser International) جي سهڪار سان سنڌ جي ٻن ضلعن ميرپورخاص ۽ سانگهڙ جي سڀ کان وڌيڪ متاثر 4 يونين ڪائونسلن ( تعلقو جهڏو ۽ ڄام نواز علي) ۾ هنگامي امداد جو منصوبو سيپٽمبر 16 کان ڊسمبر 15، 2022ع تائين هلايو. جنهن هيٺ خوراڪ جي تحفظ ۽ جياپي لاءِ غريب 400 خاندانن کي راشن بيگس، 200 خاندانن کي عارضي پناهہ لاءِ ٽينٽس، 200 صحت صفائي جون ڪٽس، 400 مڇر داڻيون، 400 پيئڻ جي صاف پاڻي جون گوريون ۽ 300 پاڻيءَ جا ڪولر مهيا ڪيا ويا. جڏهن ته 300 غريب ترين گهراڻن ۾ 32،000 هزار روپيا في گهراڻي غيرمشروط ڪيش گرانٽس طور مهيا ڪيا ويا ته جيئن اهي پنهنجي روزگار ۽



## مُک موضوع

آمدني جو ذريعو پيدا ڪري سگهن. اهڙيءَ طرح مفت طبي خدمت مهيا ڪرڻ جي مقصد سان 60 موبائل ڪيمپون لڳايون ويون، جنهن ذريعي 16،800 مرد، عورت ۽ ٻارن کي طبي سهوليون مهيا ڪيون ويون.

***اکو جي سهڪار سان 200 هڪ ڪمرو بمبوگهرن جي تعمير***



برساتي ٻوڏ ايمرجنسي 2022ع جي ڪري گهرن جي تباهي وڏي پئماني تي ٿي هئي. ان ڪري غريب ماڻهو بي گهر ٿيا ۽ بغير پناهه جي رهڻ تي مجبور ٿيا. ان صورتحال کي ڏسي اکو (AKHO) نالي اداري سرسو سان سهڪار ڪيو ۽ خيرپور ضلعي جي تعلقي ڪوٽ ڏجي جي ٻن يونين ڪائونسلن گوندرڙو ۽ نصير فقير جلالاڻي ۾ هڪ ڪمري تي مشتمل 200 بمبو گهرن جي تعمير ڪئي وئي. هي گهر مڪمل طور ماحول دوست ۽ مقامي وسيلا کي استعمال ڪري ٺاهيا ويا آهن.

***اينگرو فائونڊيشن جي سهڪار سان 145 گهرن جي تعمير جو منصوبو***

سرسو اينگرو فائونڊيشن جي سهڪار سان قمبر-شهدادڪوٽ ضلعي جي سڀ کان وڌيڪ برساتي ٻوڏ متاثر تعلقي وارهه ۾ سڀ کان غريب ترين 146 گهراڻن لاءِ گهٽ لاڳت گهرن (Low-Cost Housing for Flood Affectees) جي تعمير جو منصوبو



***ورلڊ سينٽرل ڪچن پاران 22 واٽر فلٽريشن پلانٽس***

پيئڻ جي صاف پاڻي تائين پُهچ خاص طور ايمرجنسي صورتحال ۾ هڪ اهم للڪار تي سامهون ايندي آهي، ان حوالي سان متاثر ماڻهن کي صاف پاڻي مهيا ڪرڻ جي مقصد سان سرسو ايمرجنسي امداد جي ساٿي اداري ورلڊ سينٽرل ڪچن (World Central Kitchen-WC)) جي مدد سان سنڌ جي 7 ضلعن جي سڀ کان متاثر علائقن ۾ 22 **واٽر فلٽريشن** پلانٽس لڳايا.



| ڪل تعداد | دادو | نوشهروفيروز | جيڪب آباد | شڪارپور | سانگهڙ | ميرپورخاص | خيرپور |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| 22 | 3 | 5 | 2 | 3 | 1 | 1 | 7 |

## مُک موضوع

شروع ڪيو. ان مقصد لاءِ چوندڊ گهراڻن سان پارٽنرشپ جو معاهدو ڪري تعمير جو ڪم شروع ڪيو ويو. سرسو، ٻن ڪمرن، ورانڊي، واش روم ۽ ٻوريچي خانو تي مشتمل 146 گهر تعمير ڪندي، جيڪي ٻوڏ کان محفوظ (Flood-Resilient) ۽ پائدار هوندا.

***پئرس هسٽريا ۽ آر ايس پي اين پاران منصوبي ۾ ڪم ڪندڙ سي آر پيز لاءِ گهرن جي لاءِ مالي سهائتا***



سرسو BEP(پاڪستان رورل مارڪيٽ ٽيسٽ پروجيڪٽ ) تحت RSPN۽ Hystra جي تعاون سان پنهنجي برساتي ٻوڏ متاثر رضاڪارن (Community Resource Persons-CRPs)۾ مالي امداد وارن چيڪن جي ورهاست ڪئي ته جيئن اهي پنهنجا متاثر ٿيل گهر بحال ڪري سگهن. اسسٽنٽ ڪمشنر نصير آباد سيد يار علي شاهه 6 رضاڪارن ۾ هڪ هڪ لک جڏهن ته 19 رضاڪارن ۾ پنجاهه پنجاهه هزار جا چيڪ ورهايا. انهي موقعي تي اسسٽنٽ ڪمشنر ڳالهائيندي چيو ته سرسو جو هي ڪم بهتر عمل آهي. سرسو ايمرجنسي ۾ قمبر-شهدادڪوٽ ضلعي اندر بهترين ڪم ڪيو جيڪو ساراهه جوڳو عمل آهي جنهن جو مان پاڻ اکين ڏٺو شاهد آهيان.

انهي موقعي تي سينيئر ڊسٽرڪٽ مئنيجر سرسو ڳالهائيندي چيو ته عام حالتون هجن يا ايمرجنسي سرسو هميشه سنڌ جي پنتي پيل عوام جي خدمت ۾ اڳيرو رهيو آهي. هي مدد سرسو جي رضاڪارن کي مجتا ڏيڻ آهي ۽ ڏکي گهڙي ۾ ساٿس ساٿ ڏيڻ آهي.

***ايڪشن اگينسٽ هنگر سان ٻوڏ متاثر آبادي لاءِ منصوبي جي شروعات***




سرسو پنهنجي ساٿي اداري ايڪشن اگينسٽ هنگر Action Against Hunger-ACF) ) سان سنڌ ۾ برساتي ٻوڏ ايمرجنسي سبب متاثر آبادي جي لاءِ، صحت ۽ صفائي جي بهتري لاءِ هنگامي امداد جو منصوبو شروع ڪيو. جيڪو خيرپور ۽ قمبر- شهدادڪوٽ جي سڀ کان وڌيڪ متاثر 4 يونين ڪائونسلن جي 20 ڳوٺن ۾ ڊسمبر 2022 ۾ شروع ٿيو. ڊسمبر مهيني ۾ برساتي ٻوڏ کان پوءِ جي صورتحال ۽ ماڻهن جي روزگار جي ذريعن، صحت ۽ صفائي تي پيل اثرن جو جائزو ۽ فائدو حاصل ڪندڙن جي چوندڊ جي سروي ۽ ڪڻڪ جي فصل جي پوکائي لاءِ ٻجن جي ورهاست پڻ ڪئي وئي. اهڙيءَ طرح ابتدائي طور تي 220 غريب ترين هارين کي 440 ٻج جون ٻوريون (في هاري 2 ٻوريون) ڏنيون ويو.

***اِي يو ۽ آر ايس پي اين جي سهڪار سان هلندڙ پنز پروگرام هيٺ برساتي ٻوڏ متاثرن جي سهائتا***

مها ماحولياتي آفت جي ڪري خوراڪ ۽ غذا تي پوندڙ هاڪاري اثرن کي گهٽ ڪرڻ لاءِ يورپين يونين جي مالي مدد

## مُک موضوع




سان هلندڙ پنز پروگرام هيٺ ننڍن هاري عورتن کي ابتدائي بحالي جي عمل ۾ مدد مهيا ڪرڻ جي مقصد سان قدم کنيو

ويو، جنهن ۾ پروگرام ۾ شامل ٽنهي ضلعن شڪارپور، لاڙڪاڻو ۽ قمبر-شهدادڪوٽ ۾ نومبر 20 ۽ 21، 2022 تي 305 هاري عورتن کي ڪڻڪ جي پوکي لاءِ بائيو- فورٽيفائيڊ ٻج مهيا ڪيو ويو. ٻج ورهائڻ ۽ پوکڻ جو مقصد هاري گهراڻن جي خاندان ۾ خوراڪ جي گهٽتائي کي پورو ڪرڻ هو. سرسو گذريل سال کان پنز هيٺ ڪاميابي سان هارين کي زنڪ- فورٽيفائيڊ ڪڻڪ جو ٻج مهيا ڪري رهي آهي. جنهن جي پيداوار ۽ خوراڪي جزا خاندانن کي فائدو مهيا ڪري رهيا آهن.

### *وي ڪيئر فائونڊيشن ۽ ٽي TZU CHI پاران 4161 راشن جي ورهاست*

سرسو، وي ڪيئر فائونڊيشن ۽ ٽي TZU CHI جي سهڪار سان ضلعي ٽني جي برساتي ٻوڏ متاثر آبادي جي خوراڪ جي ضرورت کي پوري ڪرڻ لاءِ هنگامي امداد جو بندوبست ڪيو ويو. ان لاءِ ضلعي جي متاثر يونين ڪائونسل حافظ شاهه ۽ ٽنڊو صوف شورو ۾ 4،161 غريب ترين گهراڻن کي راشن مهيا ڪيو ويو.

### *بُروڪ پاڪستان جي سهڪار سان 5,356 جانورن لاءِ چاري جي سهائتا*



سرسو بُروڪ پاڪستان (Brooke Pakistan) جي سهڪار سان سنڌ جي 6 ضلعن ۾ گگدام جانورن (Equine Animals) ۽ ان سان سلهاڙيل ڪميونٽين جي بهتري ۽ ترقي لاءِ ايڪوائين ويلفيئر پروجيڪٽ تحت عملي ڪم ڪري رهي آهي. هن مها ٻوڏ ۾ جتي انسان ۽ چوپايو مال سخت متاثر ٿيو، اُتي گگدام جانور؛ گڏهه، خچر ۽ گهوڙا بہ سخت متاثر ٿيا آهن. ان ڪري سرسو انهن جي بهتر سارسنڀال لاءِ منصوبي ۾ شامل ضلعن؛ خيرپور، سکر، شڪارپور، جيڪب آباد، لاڙڪاڻو ۽ قمبر-شهدادڪوٽ ۾ طبي ڪيمپون لڳائڻ ۽ چارئي جو بندوبست ڪيو. ان سان گڏوگڏ انهن جانورن سان لاڳاپيل خاندانن ۽ ڪميونٽين لاءِ پڻ امدادي خدمتون سرانجام ڏنيون. هنگامي امدادي سرگرمين ۾ 5،356 جانورن جو چارو مهيا ڪيو ويو.

| ڪل تعداد | جيڪب آباد | شڪارپور | قمبر-شهدادڪوٽ | لاڙڪاڻو | خيرپور | سکر |
|---|---|---|---|---|---|---|
| 5,356 | 1,525 | 223 | 604 | 1,165 | 1,530 | 306 |

## مُک موضوع




### جائيڪا لائيٽ ايف منصوبي هيٺ ايمرجنسي امداد

سرسو پاران جائيڪا ۽ وومين ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ - سنڌ حڪومت جي سهڪار سان سنڌ جي 6 ضلعن جي ڳوٺاڻي هنرمند عورتن جي سماجي-معاشي ترقي جي حوالي سان هلنڊڙ لائيٽ-ايف پروجيڪٽ هيٺ برساتي ٻوڏ ۾ رليف مهيا ڪرڻ جي مقصد سان ٻه ڪم ڪيو ويو. ان لاءِ هنرمند عورتن جا جوڙيل گڏيل ڪاروباري گروپ (Business Development Group-BDGs) کي امدادي شيون جنهن ۾ راشن، ڪمبل، مڇر داڻيون، صحت صفائي جون ڪِٽون ۽ ترپاليون، لاڙڪاڻي ۾ 7 ، گھوٽڪي 4، سکر 6، شڪارپور 3، جيڪب آباد 2 ۽ خيرپور 6 ڪاروباري گروپن کي امدادي سامان مهيا ڪيو ويو تہ جيئن اهي پنهنجي ساٿي هنرمند عورتن کي ڏکي وقت ۾ مدد ڪري سگھن. ڪل 675 ڪمبل، 2000 ترپاليون، 449



راشن جا ٿيلها، 500 مڇ داڻيون ۽ صحت صفائي واريون ڪٽون مهيا ڪيون ويون.

### يونيسيف جي سهڪار سان ٻوڏ متاثر 5 ضلعن ۾ سماجي تحرڪ ۽ سجاڳي جو منصوبو

سرسو يونيسيف جي سهڪار سان سنڌ جي برساتي ٻوڏ متاثر 5 ضلعن: خيرپور، نوشهروفيروز، دادو، لاڙڪاڻو ۽ قمبر-شهدادڪوٽ ۾ سماجي تحرڪ ۽ سجاڳي جو منصوبو ڊسمبر 2022 ۾ شروع ڪيو ويو. جنهن جو مقصد ماڻهن جي شرڪت ۽ سماجي تحرڪ ذريعي مائرن ۽ ٻارن جي تحفظ، غذائيت، صحت ۽ سماجي - نفسياتي سهڪار تي جاڳرتا پيدا ڪري مربوط خدمتن تائين رسائي ڪرڻ آهي. هن منصوبي هيٺ 5 ضلعن جي سڀ کان وڌيڪ متاثر 37 يونين ڪائونسلن ۾ ٻارن جي حقن ۽ عورتن جي صحت ۽ بهتري لاءِ مختلف سرگرميون شروع ڪيون ويون.




### موريس پاڪستان لميٽيڊ پاران 22،00 خاندانن ۾ راشن جي ورهاست

سرسو پنهنجي پراڻي ساٿي اداري رورل سپورٽ پروگرامز نيٽ ورڪ (RSPN) جي شراڪتداري ۾ مورس پاڪستان لميٽيڊ جي تعاون سان سنڌ جي 7 ضلعن: بدين، سانگھڙ، خيرپور، سکر، قمبر-شهدادڪوٽ ۽ دادو جي برساتي ٻوڏ متاثر گهراڻن ۾ 22،000 راشن جا ٿيلها ورهايا. هي هنگامي امداد سڀ کان غريب ترين گهراڻن ۾ ورهائي وئي. ان لاءِ سرسو پاران اهل ۽ متاثر گهراڻن جي چونڊ ڪئي وئي ۽ انهن جي تصديق ڪان پوءِ لاڳاپيل سرڪاري نمائندن کي پڻ شامل ڪري تقسيم ڪئي وئي.

## سرسو- ٻوڏ ايمرجنسي امدادي سرگرمين جو دورو ڪندڙ اهم ادارا

**ايڪو ۽ ايس اي ايف وفد جو دورو ٺٽو / سيپٽمبر 5، 2022**

ايڪو ۽ ايڪشن اگينسٽ هنگر جي وفد سرسو پاران ٺٽي ضلع ۾ ٻوڏ صورتحال ۽ ايڪو جي مالي مدد سان هلندڙ امدادي سرگرمين جو دورو ڪيو. وفد ۾ محترم فلپ اورتولاني (اي يو اٽلي)، محترمه ايدارو اورتيگا (اي يو اسپين) ۽ محترم ذوالفقار علي منياٽي ( ڊپٽي ڪنٽري ڊائريڪٽر ايس اي ايف) شامل هئا. وفد سرسو آفيس ۾ ٽيم سان گڏجاڻي ڪئي ۽ ضلعي ۾ ٻوڏ جي صورتحال ۽ ايڪو جي مالي مدد سان هلندڙ سرگرمين بابت ڄاڻ ورتي. بعد ۾ وفد بگهڙ بچاءُ بند تي قائم رليف ڪيمپ جو دورو ڪيو ۽ دريائي ٻوڏ ۾ سرسو پاران قائم ليٽرين، راشن جي ورهاست، جانورن جي ويڪسينيشن ۽ پيئڻ جي صاف پاڻي واري امدادي سرگرمين جو جائزو ورتو.

وفد ايڪو منصوبي ۾ شامل ڳوٺ سچي ڏنو شيخ يونين ڪائونسل سيڪپور تعلقو ميرپور ساڪرو ۾ ڪميونٽي سان گڏجاڻي پڻ ڪئي ۽ منصوبي جي سرگرمين ۽ انهن جي اثرن ۽ ضرورتن تي ڳالهه ٻولهه ڪئي. ڪميونٽي منصوبي جي حوالي سان پنهنجا تجربا ۽ ان جي بهتري لاءِ پنهنجا رايا ڏنا.



**جوائنٽ مشن جو دورو سکر / سيپٽمبر 8، 2022**

نيشنل ڪميشن آن دي اسٽيٽس آف وومن- حڪومتِ پاڪستان ۽ يو اين ايف پي اي (UNFA) جي گڏيل مشن سرسو جو دورو ڪيو. دوري جو مقصد برساتي ٻوڏ ايمرجنسي



ڪانپوءِ عورتن جي صورتحال ۽ انهن جي ابتدائي ضرورتن ۽ پورائي لاءِ ورتل اپائن جو جائزو وٺڻ هو. وفد سرسو هيڊ آفيس سکر جو دورو ڪيو جتي وفد سرسو انتظاميه سان صورتحال، ضرورتن ۽ عملي اپائن تي ڳالهه ٻولهه ڪئي. گڏجاڻي کان پوءِ وفد اروڙ ۾ قائم متاثرين جي امدادي ڪيمپ جو به دورو ڪيو. وفد ۾ محترمه نيلوفر بختيار چيئرپرسن اين سي ايس ۽ ڊبليو يو اين ايف پي اي پاران محترمه بيحر رامگل، محترمه صالحا رامي جينڊر اسپيشلسٽ، ڊاڪٽر جميل پروگرام اسپيشلسٽ ۽ محترم خرم ٽيڪنيڪل اسپيشلسٽ هئا. سرسو پاران ايم اِي آر جي سينيئر مئنيجر نويد اسحاق ميمڻ وفد جي رهنمائي ڪئي.

***يو اين ايف پي اي وفد دادو / ڊسمبر7، 2022***

يو اين ايف پي اي (UNFPA) پاڪستان جي ڪنٽري نمائندي ڊاڪٽر لوئي شابئنيح جي اڳواڻي ۾ هڪ وفد ضلعي دادو ۾ سرسو جي ٻوڏ متاثر ڪميونٽي سان يو اين ايف پي اي سهڪار سان هلندڙ صحتمند خاندان پروجيڪٽ هيٺ هلندڙ سرگرمين جو دورو ڪيو. سرسو پاران ڳوٺ قائم جتوئي تعلقي ميهڙ م ٻوڏ متاثر عورتن ۽ نوبالغ ڇوڪرين سان

## مُک موضوع




صنف جي بنياد تي ٿيندڙ تشدد ۽ توليدي صحت بابت هلندڙ جاڳرتا ورڪشاپ ڪي وزٽ ڪيو. وفد ورڪشاپ جي ڪاروائي ڏٺي ۽ شرڪتڪارن سان ٻوڏ جي صورتحال، ان جي اثرن خاص طور تي عورتن ۽ ڇوڪرين خلاف صنفي تشدد جهڙوڪ: گهريلو تشدد، ننڍپڻ جي شادين ۽ انهن جي توليدي صحت جي مسئلن تي ڳالهه ٻولهه ڪئي. ان موقعي تي شريڪ 50 عورتن ۾ توليدي صحت جون ڪٽس پڻ ورهايون ويون. ڊسٽرڪٽ مئنيجر ۽ پروجيڪٽ آفيسر وفد جي دوري ۾ رهنمائي ڪئي ۽ سرسو اندر هلندڙ سرگرمين بابت آگاهي ڏني.

**ملٽيزر انٽرنيشنل جي ڪنٽري ڪو آرڊينيٽر جو دورو - ميرپور خاص / آڪٽوبر 27، 2022**

ملٽيزرانٽرنيشنل (Malteser International) جي ڪنٽري ڪوآرڊينيٽر محترم فياض شاهه، سرسو پاران ملٽيزر جي سهڪار سان ٻوڏ متاثر علائقن جي غريب ترين گهراڻن جي مدد ۽ بحالي جي حوالي سان هلندڙ منصوبي جي امدادي سرگرمين جو دورو ڪيو. پاڻ تعلقي جهڏو يوسي مير الهه بچايو ۽ خدا بخش-2 ۾ مفت طبي ڪئمپ ۽ رليف وارين شين جي ورهاست ۾ شرڪت ڪئي. جنهن دوران پاڻ سرگرمين جو جائزو ورتو، رڪارڊ ڏٺو ۽ متاثر ماڻهن سان مليا ۽ انهن کان سرگرمين بابت راءِ ۽ برساتي ٻوڏ جي صورتحال معلوم ڪئي.

سرسو ملٽيزر جي سهڪار سان ميرپور خاص ۽ سانگهڙ ضلعن جي سڀ کان وڌيڪ متاثر 4 يونين ڪائونسلن ۾ غريب ترين گهراڻن جي صحت، صفائي ۽ جياپي جي وسيلن جي بحالي ۽ بهتري لاءِ ڪم ڪري رهي آهي. سرسو جي ريجنل جنرل مئنيجر غلام رسول سميجو ۽ پروجيڪٽ فوڪل پرسن نعمت الله ساوند دوري دوران ساڻس گڏ هئا.



سرسو عمل ۾

# 8 مارچ عورتن جو عالمي ڏينهن

(سرسو پاران هلندڙ مختلف پروگرامن هيٺ عورتن جي عالمي ڏينهن سال 2022 جي موضوع ” Gender equality for a sustainable tomorrow “ جي حوالي سان مختلف پروگرام منعقد ڪيا ويا)

منظم ڪميونٽي ادارن جي عورتن، لاڳاپيل سرڪاري ادارن، سول سوسائٽي ۽ ٻين ڌرين جي ڀرپور شرڪت

**بخت علي ابڙو**
سينيئر پروگرام آفيسر، ايم اِي آر يونٽ
سرسو هيڊ آفيس سکر

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) عورتن جو عالمي ڏينهن، 8 مارچ هر سال وڏي جوش ۽ جذبي سان ملهائيندي آهي. سرسو جي سماجي تحرڪ توڙي غربت گهٽائڻ واري فلاسافي ۽ حڪمت عملي جو محور ۽ مقصد عورتن کي سماجي ۽ معاشي طور سگهارو ڪرڻ آهي. ان ڏينهن ملهائڻ جو خاص مقصد عورتن جي حقن سان وابستگي ڏيکارڻ ۽ جاڳرتا پيدا ڪرڻ آهي، عورتن کي موقعو مهيا ڪرڻ ته جيئن اهي پنهنجا مسئلا بيان ڪري سگهن ۽ لاڳاپيل ڌرين کي عورتن جي ترقي ۽ حقن جي تحفظ لاءِ ڪردار ياد ڏيارڻ هوندو آهي.

سرسو پاران مختلف ضلعن ۾عورتن جي عالمي ڏينهن جي حوالي سان منعقد ڪيل تقريبن جو ذڪر ڪجي ٿو.

***گهوٽڪي: پاران سنڌ حڪومت جي مالي مدد سان هلندڙ عوام جي غربت گهٽائڻ جو پروگرام (پي پي آر پي) هيٺ عورتن جو عالمي ڏينهن ملهايو ويو***

سرسو گهوٽڪي آفيس پاران سنڌ حڪومت جي مالي مدد سان هلندڙ عوام جي غربت گهٽائڻ جو پروگرام (پي پي آر پي) هيٺ عورتن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي ٻهراڙيءَ جي عورتن سان ڊائيلاگ جو بندوبست ڪيو. پروگرام جو خاص مهمان محترم محمد ڏتل ڪلهوڙو (چيف ايگزيڪيٽو آفيسر سرسو جن هئا، جنهن ۾ پي پي آر پي هيٺ منظم ڪيل ڳوناٽي عورتن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي. پروگرام تعلقي گهوٽڪي جي يونين ڪائونسل رُڪ جي ڳوٺ عبدالرحيم ميربحر ۾ ڪيو ويو. پروگرام ۾ 200 ڪان وڌيڪ سرسو جي جوڙيل ڪميونٽي ادارن جي عورتن، مختلف سرڪاري ادارن جي نمائندن، مقامي ماڻهن ۽ سرگرام سماجي تنظيمن جي نمائندن شرڪت ڪئي.

ڪامياب وليج آرگنائيزيشن جي اڳواڻ عورتن محترمہ نسرين ۽ محترمہ ناهيد مهمانن کي ڀليڪار ڪيو ۽ پنهنجي ڳوناٽي تنظيم ۽ پي پي آر پي هيٺ شروع ڪيل سرگرمين بابت آگاهي ڏني. هن موقعي تي سي اِي او - سرسو محمد ڏتل ڪلهوڙو ڳالهہ ٻولهہ ڪندي عورتن ڪان معلوم ڪيو تہ سرسو



## سرسو عمل ۾




پاران سنڌ حڪومت جي سهڪار سان هلندڙ پي پي آر پي مان ڪهڙا فائدا حاصل ڪيا آهن، ۽ توهان فيصلا ڪهڙيءَ طرح ڪيو ٿا، حاصل مالي وسيلا ڪهڙي طريقي سان خرچ ڪيا ويا آهن ۽ اڳتي لاءِ ڪهڙا منصوبا يا ڪاروبار سوچيا ويا آهن، هنن ڪهڙيون هنري سکيائون حاصل ڪيون آهن، توهان تي خاص طور عورتن جي حالتن ۽ حثيت تي پوندڙ اثر ۽ سامهون ايندڙ للڪارون ڪهڙيون آهن.؟؟
فائدو حاصل ڪندڙ اڳواڻ عورتن ڳالهه ٻولهه ۾ حصو ورتو ۽ تفصيل سان پُڇيل سوالن تي بحث مباحثو ڪيو. سي اِي او - سرسو، عورتن ڪي هن ڏينهن جي مناسبت سان مبارڪون ڏنيون ۽ عورتن جي حوالي سان پروگرامن جو تفصيل ٻڌايو. عورتن جي ڀرپور شرڪت ۽ سرسو جي پروگرام بابت ڄاڻ ۽ ڪم ڪرڻ جي جذبي ڪي ساراهيو. هن موقعي تي عورتن جي عالمي ڏينهن جي طئي ڪيل عنوان ” Gender equality for a sustainable tomorrow“ تي ڳالهيندي چيو تہ ”جنس جي بنياد تي هر قسم جو امتياز غير انساني عمل آهي، ان ڪي هر سطح تي ختم ٿيڻ گهرجي ۽ ان جي خاتمي ڪانسواءِ انصاف جي اصولن تي مُبني معاشري جو قيام ممڪن ناهي ۽ عورتن جي حالتن ۽ حثيت ۾ بهتري نٿي اچي سگهي“
ان موقعي تي شريڪ مهمانن پي پي آر پي هيٺ ڳوٺ ۾ تعمير ٿيندڙ گهرن جو جائزو ورتو ۽ گهرن جي اڳيان وڻ پوکي صنفي برابري ۽ پائدار مستقل ۾ پنهنجو حصو ڳنڍيو.

***قمبر-شهدادڪوٽ: يورپين يونين جي مالي مدد سان هلندڙ سڪسيس پروگرام هيٺ عورتن جو عالمي ڏينهن***

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) ضلعو قمبر - شهدادڪوٽ پاران عورتن جي عالمي ڏينهن جي عنوان ” Gender equality for a sustainable tomorrow“ هيٺ يورپين يونين جي مالي مدد سان هلندڙ سڪسيس پروگرام ۾ ملهايو ويو. پروگرام ”لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن سوهني ڌرتي“ يونين ڪائونسل ڪارڙا جي ميزباني ۾ تعلقو شهدادڪوٽ جي ڳوٺ پرمي ۾ ملهايو ويو. جنهن ۾ 100 کان وڌيڪ ڪميونٽي ادارن جي عورتن، سرڪاري ادارن جي نمائندن ۽ سرسو ٽيم شرڪت ڪئي، عورتن جي ڏينهن جي موضوع، صنفي برابري ۽ عورتن جي حقن تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي.
محترمہ پروين (جنرل سيڪريٽري ايل ايس او مقصد)، محترمہ زرينہ (سرگرم ڪارڪن ايل ايس او مقصد)، محترمہ شاهده (خزانچي ايل ايس او سونهري ڌرتي)، محترمہ ثنا خاصخيلي

## سرسو عمل ۾

(مئنيجر وي او پرمي) ۽ ٻين عورت اڳواڻن پنهنجي ڪميونٽي ادارن، سڪسيس پروگرام هيٺ ڪيل ڪم ۽ عورتن جي حقن ۽ مسئلن تي ڳالهه ٻولهه ڪئي. انهن ٻڌايو تہ ”اڄ جي هن جديد دور ۾ بہ ڪجهه ڀهراڙيءَ جون عورتون قبيلائي دور واري زندگي گذاري رهيون آهن، ڪين بنيادي صحت، تعليم ۽ ترقياتي سهولتن تائين رسائي ناهي. عورتن جي حقن ۽ صنفي برابري سندن لاءِ خواب ٻڻيل آهي، ۽ ان حوالي سان ڪميونٽي ادارا جوڙي سندن لاءِ جدوجهد ڪري رهيون آهيون. پر صنفي برابري لاءِ پائدار مستقبل وارو معاشرو قائم ڪرڻ لاءِ سڀني کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو.“

ورڪشاپ کي محترمہ شمع پروين (ڊپٽي ڊائريڪٽر وومين ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ ضلعو قمبر) ۽ محترم اسد جتوئي (ڊسٽرڪٽ مئنيجر سرسو خطاب ڪندي چيو تہ ”هن سال عورتن جي عالمي ڏينهن جو موضوع Gender equality for a sustainable tomorrow جيڪو صنفي برابري ۽ موسمياتي انصاف جي ڳالهه ڪري ٿو. ۽ پائدار مستقبل عورتن جي صنفي برابري کانسواءِ حاصل نٿو ڪري سگهجي. ان ڪري عورتن سان گڏ اسان سڀني ڌرين کي ڪوششون ڪرڻيون پونديون.“



***شڪارپور: انٽرنيشنل فنڊ فار ايگريڪلچرل ڊولپمينٽ (آءِ ايف اي ڊي) جي سهڪار سان هلندڙ نيشنل پاورٽي گريجوئيشن پروگرام (اين پي جي پي) هيٺ عورتن جو عالمي ڏينهن***

### سرسو جو دورو ڪندڙ نيشنل ۽ انٽرنيشنل ادارن جا نمائندا

***يونيسيف وفد سرسو هيڊ آفيس جو دورو***

سرسو هيڊ آفيس سکر / جنوري 5، 2022

يونيسيف وفد، سرسو هيڊ آفيس سکر جو دورو



ڪيو، دوري جو مقصد سرسو ۽ ان جي ڪم ڪار بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ ۽ تعليم جي شعبي ۾ گڏجي ڪم ڪرڻ جي راهن کي هموار ڪرڻ هو. وفد ۾ محترمہ ونيسالي (ايجوڪيشن مئنيجر)، محترم پرويز پيرزادو (ايجوڪيشن آفيسر)، محترمہ ندا ڊوسا (ايجوڪيشن آفيسر)، محترم آفتاب نظاماڻي (اسڪول ڪلسٽرنگ ڪنسلٽنٽ) ۽ محترمہ مشل جاويد ( ڪميونيڪيشن ڪنسلٽنٽ) شامل هئا.

***فرسٽ چانسلر يورپين يونين ڊيليگيشن پاڪستان سرسو جو دورو***

قمبر-شهدادڪوٽ / جنوري 19، 2022

محترم ايون بورساوليجيوڪ فرسٽ چانسلر يورپين يونين ڊيليگيشن ٽو پاڪستان سرسو جو دورو ڪيو. دوري جو مقصد يورپين يونين جي مالي سهڪار سان هلندڙ سڪسيس ۽ پنز پروگرامن جو جائزو وٺڻ هو. هنن پروگرام جي فيلڊ ايريا وزٽ

## سرسو عمل ۾

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) ضلعي شڪارپو پاران عورتن جو عالمي ڏينهن انٽرنيشنل فنڊ فار ايگريڪلچرل ڊولپمينٽ ( آءِ ايف اي ڊي ) جي مالي سهڪار سان هلندڙ نيشنل پاورٽي گريجوئيشن پروگرام (اين پي جي پي) هيٺ وڏي جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو. هي پروگرام وليج آرگنائيزيشن "قبو" يونين ڪائونسل سيهواڻي ۾ منعقد ڪيو ويو. پروگرام مان فائدو حاصل ڪندڙ 120 عورتن شرڪت ڪئي. جڏهن ته سرسو پاران محترمه شازيه زبير (جنرل مئنيجر مائڪرو فنانس) ۽ محترم ظهير شر (ڊسٽرڪٽ مئنيجر سرسو) شرڪت ڪئي.

تقريب ۾ "اين پي جي پي" مان فائدو حاصل ڪندڙ عورتن پنهنجين ڪاميابين جون ڪهاڻيون ٻڌايون ۽ چيو ته پيداواري اثاثا ملڻ ڪانپوءِ اسان جي گهر توڙي ذاتي زندگي ۾ بهتري آئي آهي، ۽ هاڻي اسين قيمتي اثاثن جون مالڪياڻيون آهيون، گهر جون تمام بنيادي ضرورتون پوريون ٿي رهيون آهن. ٻارن جي صحت ۽ تعليم تي توجهه ڏئي رهيون آهيون ۽ گهرن جي اڪثر فيصلن ۾ پڻ شامل ڪيو ويو وڃي ٿو."

هن موقعي تي محترمه شازيه زبير چيو ته " سرسو - اين پي جي پي، تحت عورتن کي مالي ۽ معاشي طور تي سگهارو ڪرڻ چاهي ٿي. چو ته ان ڪانسواءِ عورتون حقيقي طور تي پائدار بنيادن تي سگهاريون نٿيون ٿي سگهن. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته عورتون اڳتي اچي حاصل ٿيندڙ اثاثن، مالي مدد ۽ تربيتن مان ڀرپور فائدو حاصل ڪن ۽ پنهنجي خاندان توڙي ذاتي زندگي ۾ بهتري آڻين."

ان موقعي تي عورتن گڏجي مارچ به ڪيو ۽ صنفي برابري لاءِ جدوجهد جاري رکڻ جو وچن ورجايو. شريڪ عورتن ۾ ميويدار وڻ پڻ تقسيم ڪيا ويا.







ڪيا، ڪميونٽي ادارن جي عورت اڳواڻن سان ملاقات ڪئي، فائدو حاصل ڪندڙن جا خيالات ۽ ويچار ٻڌا، ڪيل ڪمن جو مشاهدو ڪيو، سرسو ۽ ضلعي انتظاميه سان گڏجاڻيون ڪيون. ڊاڪٽر شيرين مصطفيٰ ناريجو (ٽيڪنيڪل ايڊوائيزر سرسو)، محترم محمد ڏتل ڪلهوڙو (سي اِي او سرسو)، محترم فضل صادي (پروگرام مئنيجر سڪسيس- آر ايس پي اين)، محترم جمال مصطفيٰ شورو (ٽيم ليڊر سڪسيس پروگرام) ۽ محترم حامد علي مگسي (پروگرام مئنيجر پنز) ساڻس گڏ هئا.

***جوائنٽ مشن وومين ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ، جائڪا ۽ سرسو جو نون چونڊيل بزنس ڊولپمينٽ گروپن جو دورو***

سکر، گهوٽڪي ۽ لاڙڪاڻو / جنوري 28 ۽ 29، 2022

گهريلو سطح تي ڪم ڪندڙ ۽ هنرمند عورتن جون سماجي - معاشي حالتون بهتر ڪرڻ جي مقصد سان هلندڙ لائيٽ ايف پروجيڪٽ جي ساٿي ادارن؛



## سرسو عمل ۾

### خيرپور ميرس لاڙڪاڻو ۽ جيڪب آباد ضلعن ۾ بُروڪ پاڪستان پروجيڪٽ هيٺ عورتن جو عالمي ڏينهن




سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) ضلعي خيرپور ميرس پاران بُروڪ پاڪستان جي سهڪار سان هلندڙ ايڪوائين ويلفيئر پروجيڪٽ هيٺ عورتن جو عالمي ڏينهن ملهايو ويو. جنهن ۾ سال جي موضوع ” Gender equality for a sustainable tomorrow “ تي ڊائيلاگ ۽ جاڳرتا واڪ ڪيو ويو ۽ ايڪوائين ڪميونٽي ۽ جوڙيل ادارن جي عورتن ۽ سرسو ٽيم جي شرڪت ڪئي. پهريون پروگرام ڳوٺ فيضل مهر يو سي فتح پور تعلقو ڪوٽڏجي ۽ ٻيو ڳوٺ گڏيجي يو سي گڏيجي تعلقو سوڀو ديرو (خيرپور)، ڳوٺ وڏو لاشاري يو سي مشوري تعلقہ باقراڻي (لاڙڪاڻو) ۽ ڳوٺ دامن يوسي نئون ٺل تعلقي ٺل (جيڪب آباد) ۾ ملهايا ويا، جنهن ۾ ڳوٺ جي عورتن، ڪميونٽي ادارن، لائيو اسٽاڪ ڪاتي ۽ سرسو جي نمائندن شرڪت ڪئي.

هن موقعي جي مناسبت سان شرڪتدارن عورتن جي عالمي ڏينهن جي اهميت تي ڳالهہ ٻولهہ ڪئي ۽ چيو تہ عورتن جو عالمي ڏينهن هر سال عورتن جي حقن سان واسبتگي ۽ صنفي برابري جي مقصد حاصل ڪرڻ جي حوالي سان ملهايو ويندو آهي. خيرپور ۾ وليج آرگنائيزيشن جي عورت اڳواڻن محترمہ لال خاتون (ڳوٺ فيضل مهر) ۽ محترمہ ياسمين راڄپر (ڳوٺ گڏيجي)، لاڙڪاڻو ۾ اڳواڻ عورتن محترمہ شازيہ پروين (صدر) ۽ محترمہ رحمت خاتون (مئنيجر) ۽ جيڪب آباد ايل ايس او ”ايمان“ جي چيئرپرسن محترمہ سومري پنهنجي ڪميونٽي ادارن جو تعارف ڪرايو ۽ عورتن پاران حاصل ڪيل ڪاميابين ۽ مسئلن بابت ٻڌايو. هنن چيو تہ ”عورتون غربت سبب معيار ڪان گهٽ زندگي گذارڻ

وومين ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ، جائڪا جي گڏيل وفد منصوبي ۾ شامل نون ضلعن سکر، گهوٽڪي ۽ لاڙڪاڻي جي چونديل بزنس ڊولپمينٽ گروپن جو دورو ڪيو. وفد ۾ محترمہ انجم اقبال (سيڪريٽري وومين ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ- سنڌ حڪومت)، محترمہ چئيو ممائيا (چيف ايڊوائيزر جائڪا) ۽ محترم رياض حسين جلالاڻي (مئنيجر سي اِي ڊي سرسو) ساڻن گڏ هئا.

### ڊاڪٽر مهرين رزاق ڀٽو ( ميمبر قومي اسيمبلي - پي پي پي) سي اِي او - سرسو سان گڏ ڪميونٽي ادارن جي عورتن سان ڊائيلاگ ۽ سڪسيس پروگرام جو دورو ڪيو

لاڙڪاڻو/ فيبروري 11، 2022



ڊاڪٽر مهرين رزاق ڀٽو ( ميمبر قومي اسيمبلي - پي پي پي) محترم محمد ڏتل ڪلهوڙو (سي اِي او - سرسو) سان گڏجي ضلعي لاڙڪاڻي ۾ يورپين يونين جي سهڪار هلندڙ سڪسيس پروگرام جي مختلف سرگرمين جو دورو ڪيو. دوري دوران پاڻ ايل ايس او ”فتح“ يو سي عزت جي واندڙ پاران ڪميونٽي ادارن جي ڪارڪنن سان ڊائيلاگ ۾ شرڪت ڪئي ۽ هنرمند، ڪاروباري ۽ ادارن جي عورت اڳواڻن سان گڏجاڻيون ۽ ڳالهہ ٻولهہ ڪئي.

## سرسو عمل ۾

تي مجبور آهن. انهن جي حقن تائين رسائي خواب بڻيل آهي. اسين عورتون تعليم ۽ معاشي بهتري ذريعي پنهنجي حالت تبديل ڪري سگهون ٿيون.“

**_خيرپور ۽ سکر: اِي ايم او (EMO)هب اسڪولن ۾ عورتن جو عالمي ڏينهن_**

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) ضلعي خيرپور ۽ سکر پاران عورتن جو عالمي ڏينهن يو ايس ايڊ جي مالي سهڪار سان هلندڙ اِي ايم او (EMO)هب اسڪول هاءِ اسڪول سَمي خيرپور ۽ گرلز هاءِ اسڪول نمائش ڪالوني سکر ۾ ملهايو ويو. سمي اسڪول ۾ 115 ۽ نمائش ڪالوني ۾ 545 شاگردن، استادن، والدين ۽ تعليم ڪاتي جي نمائندن شرڪت ڪئي.




ڏينهن جي موضوع Gender equality for a sustainable tomorrow جي حوالي سان شاگردن تقريرون ڪيون، گيت ڳايا، شاعري پڙهائي ۽ رول پلي ادا ڪيا. جنهن ۾ عورتن جي مختلف حقن خاص طور تي تعليم ۽ صنفي برابري جو پيغام ڏنو ويو.

اسڪول مئنيجمينٽ ڪاميٽي ۽ تعليم ڪاتي جي نمائندن سرسو پاران اسڪول ۾ عورتن جو عالمي ڏينهن ملهائڻ کي ساراهيو ۽ چيو ته ”ٻارن کي اسڪول جي سطح کان ئي عورتن جي حقن بابت آگاهي ڏجي ته جيئن هو وڏا ٿي سندن جي حقن جي برابري، تحفظ ۽ ترقي لاءِ پنهنجيون ذميداريون نڀائي سگهن.“

**_يو ايس ڪائونسل جنرل ڪراچي سرسو- اِي ايم او (EMO)هب اسڪول نمائش ڪالوني جو دورو_**

سکر / مارچ 30، 2022



يو ايس آءِ ڊي، جي وفد يو ايس ڪائونسل جنرل محترم مارڪ استروح جي اڳواڻي ۾ سرسو جي انتظام هيٺ هلندڙ اِي ايم او (EMO)هب اسڪول جو دورو ڪيو. وفد پلان موجب گورنمينٽ گرلز هاءِ اسڪول نمائش ڪالوني سکر پهتا ۽ اسڪول جا مختلف حصا گهمي ڏٺا، جنهن ۾ اِي سي اِي ڪلاس، اسڪول ۾ قائم ڊسپينسري، سائنس ليب، ڪمپيوٽر ليب ۽ ملٽي پرپز هال شامل آهن. وفد اسڪول ۾ هلندڙ ڪلاسن جو مشاهدو ڪيو. ڪلاس روم ۾ ٻارن سان ڳالهه ٻولهه ڪئي.



تعليم ۽ تربيت

# آفتن جي انتظام ڪاري ۾ استعمال ٿيندڙ عام اصطلاح ۽ انهن جي معني!

چونڊ ۽ ترجمو: حفيظ بوزدار
مئنيجر آءِ ايم ايس ڊي هيڊ آفيس سکر

**آفت** (Disaster) : اوچتو پيش ايندڙ هڪ اهڙو واقعو جنهن سان نہ صرف جاني نقصان سان گڏ سماجي، معاشي، اقتصادي ۽ طبعي طور بہ انسان متاثر ٿئي. ۽ معمول مطابق زندگي گذارڻ جا وسيلا اٿلپ ٿي پوَن تہ اهڙي پيش ايندڙ واقعي کي آفت چئبو آهي يا اهڙو انساني يا قدرتي واقعو اچانڪ اچي يا آهستي آهستي (وقت سان گڏوگڏ) هجي. جنهن سان وڏي پئماني تي جاني، مالي ۽ ماحولياتي نقصان ٿئي ۽ ماڻهو پنهنجي مقامي وسيلن ۾ منهن ڏيڻ جي سگهہ نہ رکندا هجن.

**خطرو** (Hazards): ظاهري امڪان يا ڏيکاءُ جيڪو مستقبل ۾ آفت جي شڪل اختيار ڪري تنهن کي خطرو چئبو آهي. جيڪو ماڻهن کي هڪ ٻئي کان جدا ڪري يا نقصان پهچائي ڪين جاني، مالي، بنيادي سهولتن ۽ ماحولياتي يا ڪو وڏو نقصان ڏئي.

**لاچاري يا بيوسي** (Vulnerability) دراصل هڪ اهڙي حالت جو مجموعوآهي جيڪا ڪنهن شخص، ڪميونٽي، مُلڪ يا مقامي آبادين کي قدرتي خطرن کان بچڻ، اُن سان ٿيڻ وارن نقصانن کي گهٽ ڪرڻ، اُن کان بچاءُ جي تياري ۽ اُن جي خلاف ردعمل جي صلاحيت کي متاثر ڪري، يا صلاحيت کي روڪي ان کي لاچاري يا بيوسي چئجي ٿو. اهڙيون حالتون جيڪي ڪنهن ايندڙ خطري ۾ ماڻهن جي تياري يا صلاحيت کي گهٽ ڪري.

**خدشو** (Risk) : ڪنهن مخصوص وقت ۽ علائقي ۾ ڪنهن خاص خطري جي وجهہ سان انساني موت، ماڻهن جو زخمي ٿيڻ، مُلڪ کي نقصان پهچڻ، معاشي ۽ سماجي سرگرميون متاثر ٿيڻ جو امڪان هجي. ان کي خدشو چئبو آهي.

ڪنهن بہ اوچتي خطري جي پيش نظر ڪنهن ڪميونٽيءَ جي ڪيفيت، تعمير ۽ خطرن سان ڀريل علائقي ۾ رهڻ سبب سندن ڍانچي کي تباهي جو امڪان هجي وغيره.

**خدشي وارا عنصر** Elements at Risk : ماڻهو، گهر، فصل، يا اهڙا ٻيا معاشي وسيلا جيڪي آفت جي زمري ۾ اچن ٿا ۽ جن کي شديد متاثر ٿيڻ جو مڪان هجي.

**صلاحيت** Capacity : ڪميونٽي جي حقيقي يا خيالي آفت ڏانهن مثبت انداز ۾ جواب ڏيڻ جي طاقت کي صلاحيت چئجي ٿو. ڪنهن بہ خطري جي پيش نظر اهي مثبت حالتون ۽ اهليتون جيڪي ڪميونٽيءَ جي صلاحيتن ۾ اضافو ڪن.

**جوابي قدم** Response : ڪنهن بہ آفت جي ظاهر ٿيندي ئي زندهہ بچي ويندڙن جي بنيادي ضرورتن کي پوري ڪرڻ جي لاءِ غيرمعمولي ۽ فوري قدم کڻڻ.

**امداد** Relief : ڪنهن آفت جي نتيجي ۾ زنده بچي ويندڙن کي ڳولهي ڪڍڻ، ۽ انهيءَ طرح انهن جي بنيادي ضرورتن جهڙوڪ رهڻ جي لاءِ



## تعليم ۽ تربيت

چت، پاڻي، خوراڪ ۽ صحت جي سارسنڀال جي لاءِ قدم کڻڻ.

**بحالي** Recovery : ڪنهن آفت کان متاثر ڪميونٽي اهڙا قدم کڻي، جنهن سان سندن حالاتِ زندگي ٻيهر بحال ٿين.

**ٻيهر آباد ٿيڻ** Rehabilitation آفت جي نتيجي ۾ قدم کڻڻ، متاثر ماڻهن جي گهرن جي مرمت ۾ مدد ڪرڻ ۽ معاشي ۽ سماجي سرگرمين کي ٻيهر بحال ڪرڻ.

**تعمير نو** Reconstruction : تباه ٿيل گهرن جي مرمت يا تبديلي، بنيادي سهولتن ۽ معيشت جي مستقل بنيادن تي بحالي.

**ترقي** Development : ڪنهن ڪميونٽي جي سماجي ۽ معاشي بهتريءَ جي لاءِ مستقل بنيادن تي بحالي.

**بچاءُ** Prevention : جيڪڏهن ممڪن هجي تہ آفت کي روڪڻ لاءِ اهڙا قدم کڻڻ جنهن سان خطري جي نقصان ۽ اثرن کي روڪي سگهجي.

**شدت ۽ اثرن ۾ گهٽتائي** Mitigation : اهڙيون تدبيرون اختيار ڪرڻ جنهن سان متوقع آفت جي اثرن ۽ نقصانن کي گهٽ ڪري سگهجي. (تعميراتي غير تعميراتي تدبيرون)

**تياري** Preparedness : ڪنهن آفت جي امڪان کي مدنظر رکي ان جي ٿيڻ تي مناسب ۽ موثر قدم کڻڻ.

**آفت جي انتظام ڪاري** Disaster Management : ڪنهن آفت جي تياري ۽ جوابي قدم يا ردعمل جي لاءِ منصوباسازي ۽ ان جي نتيجي ۾ بهتر انتظام ڪاري ڪرڻ.

**آفت جي خطري جي انتظام ڪاري** Disaster Risk Management : وڏي پيماني تي سرگرمين جو تعين ڪرڻ، انساني زندگين کي ضايع ٿين کان بچائڻ ۽ انساني تڪليفن کي گهٽ ڪرڻ.

عوام ۽ محڪمن کي خدشي جي باري ۾ اطلاع ڏين.

جائيداد ۽ معاشي نقصانات کي گهٽائڻ.

بحالي جي ڪم ۾ تيزي ڪرڻ

**اڳواٽ تياري** (Preparedness against Disaster) ايمرجنسي ۾ ڪم ايندڙ سامان، آمدرفت ۾ ڪم ايندڙ سامان، خطري واري جاءِ تان لڏ پلاڻ ڪرائڻ، رابطہ ڪاري ۽ ضرورتن جو جائزو

**اڳواٽ اطلاع جو نظام:** (Early Warning System) نگراني، اندازو لڳائڻ، اڳواٽ اطلاع ڏيڻ، ڪنهن بہ آفت جو اطلاع غور سان ٻڌو، ڪجھ ضروري اپاءَ ورتو (هڪ منصوبو ناهيو. هڪ ڪٽ حاصل ڪيو. خطرن جي جاچ رکڻ)، ٻاهر نڪرڻ جو منصوبو ناهيو جنهن ۾ سڀ کان پهرين ٻارڙن کي ترجيح ڏيو، وڏي ڄمار وارا ماڻهو ۽ ان سان گڏ معذور ماڻهو، سيني اهم شين کي پيٽي يا بيگ ۾ رکڻ کپن ۽ فوري طور تي محفوظ جاءِ تي پهچڻ جي ڪوشش ڪيو.

**اوچتين آفتن جي جانچ پڙتال:** اوچتين آفتن جي سڃاڻپ ۽ اثرات معلوم ڪرڻ" ڪمزور بنيادي حالتن جو اثرائتو ڪارڻ معلوم ڪرڻ، حڪمت عملي لاءِ وسيلا، اڳواٽ اطلاع ۽ خطرو روڪڻ لاءِ اپاءُ معلوم ڪرڻ گهرجن.

**مقامي سطح تي آفتن جي نقصان جي انتظام ڪاري** (Community-based Disaster Risk Management) : ڳوٺاڻي سطح تي خطرن کي منهن ڏيڻ لاءِ انتظامڪاري، مستقبل ۾ امڪاني خطرن جو مقابلو ڪرڻ لاءِ انهن جي صلاحيتن ۾ اضافو ڪرڻ، آفتن کي منظم انداز ۾ منهن ڏيڻ، آفتن جي خطرن جي انتظام ڪاري جي منصوباسازي ۾ ڳوٺاڻن جي شموليت ۽ رضاڪارن جي نشاندهي ڪري انهن کي تربيت ڏيارڻ.

***(حوالو: هي مواد آغا خان ڊولپمينٽ نيٽ ورڪ (اي ڪي ڊي اين) جي آفتن جي گهٽتائي ۽ انتظامڪاري جي لاءِ ڪم ايندڙ اداري فوڪس هيومنٽيرين اسسٽنس- پاڪستان ) پاران تيار ڪيل تربيتي ڪتابچي مان ورتو ويو آهي. جنهن لاءِ سرسو ٿورائتو آهي. ادارو)***



## ڪاميابين جون ڪهاڻيون

# سرسو- ڪميونٽي ادارن پاران سرانجام ڏنل هنگامي امداد

**لاڙڪاڻو / سيپٽمبر 6، 2022**




آيل برساتي ٻوڏ ۾ عورتون، ٻار ۽ پوڙها تمام گهڻو متاثر ٿيا آهن. چوتہ لڏپلاڻ ۽ ڪيمپن ۾ رهڻ دوران انهن جي توليدي صحت جا مسئلا وڌيڪ ڌيان طلب هوندا آهن. ان ڪري انهن کي اوليت جي بنياد تي حل ڪرڻ گهرجن. سرسو پاران قائم ڪيل ڪميونٽي ادارن پنهنجي وسيلن آهر متاثر ماڻهن جي سهائتا لاءِ ڪردار ادا ڪيو. ادارن جي رضاڪار عورت ڪارڪنن پنهنجو ڪردار بهتر ادا ڪيو. ضلعي لاڙڪاڻي جي ڪميونٽي ادارن جي رضاڪارن تعلقي رتيديرو جي يو سي وليداد گبر ۾ بي گهر ٿيلن لاءِ قائم ڪيمپ جو دورو ڪيو ۽ سرسو، حڪومت ۽ ٻين ادارن جي امدادي سرگرمين ۾ حصو ورتو. خاص طور تي عورتن ۽ ڇوڪرين سان توليدي صحت ۽ صفائي تي جاڳرتا سيشن ڪيا ۽ سرسو جي هنرمند عورتن جو قائم ڪيل بزنس ڊولپمينٽ گروپ سرواڻ تيار ڪيل 50 صحت ڪٽس متاثرن ۾ ورهايون.

**قمبر-شهدادڪوٽ / سيپٽمبر 22، 2022**




ڪميونٽي ادارا ئي هيٺين سطح تي متاثر ماڻهن جي صحيح طرح ضرورتن، اوليتن ۽ سجاڳپ ڪري صورتحال جو جائزو وٺي سگهن ٿيون. ان ڪري سرسو پنهنجي ايمرجنسي امدادي سرگرمين ۾ ڪميونٽي اداران جي ڪردار کي تسليم ڪندي انهن کي شامل ڪيو. مها برساتي ٻوڏ ۽ هنگامي صورتحال جي ڪري خوراڪ جي ضرورت هڪ اهم مسئلي طور سامهون آئي. اهڙي صورتحال ڳوٺ پرمي ۾ پڻ هئي جتي غريب ترين گهراڻن جي حالت خراب هئي. ان سموري صورتحال کي ڏسندي لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن "سهڻي ڌرتي" يونين ڪائونسل ڪارڙا تعلقو شهدادڪوٽ ۾ هڪ قدم کڻيون ۽ برساتي ٻوڏ ۾ ڪم ڪندڙ اداري واس فائونڊيشن سان رابطو ڪيو ۽ انهن کي ڳوٺ جي غريب ترين گهراڻ جي لاءِ خوراڪ واري ضرورت پوري ڪرڻ لاءِ اپيل ڪئي. فائونڊيشن پاران ايل ايس او کي ڳوٺ لاءِ 15 گهراڻن لاءِ راشن ۽ مڇرداڻيون مهيا ڪيون ويون، جيڪي ضرورتمند گهراڻن کي ڏنيون ويون.

# ڪاميابين جون ڪھاڻيون

***قمبر-شهدادڪوٽ / سيپٽمبر 26، 2022***



لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشنس مقامي سطح تي سڌي طرح ماڻهن سان رابطي ۾ رهن ٿا ۽ انهن جي سچي بنيادي معلومات پاڻ وٽ رکن ٿا. ان ڪري ڪنهن به قسم جي منصوبه سازي، هنگامي امدادي سرگرمين ۾ مؤثر ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا. ايل ايس او اعتبار يونين ڪائونسل اعتبار خان چانڊيو تعلقو شهدادڪوٽ برساتي ٻوڏ جي ڪري غريب گهراڻن جي بنيادي ضرورتن واري صورتحال کي ڏسي مختلف سرڪاري ۽ غيرسرڪاري توڙي چونڊيل نمائندن سان رابطا ڪيا ۽ کين درپيش مسئلا ٻڌايا ۽ امدد جي اپيل ڪئي. ان اپيل جي نتيجي ۾ نالي واري سماجي ڪارڪن محترم اختر ايل ايس او کي 50 گهراڻن لاءِ راشن مهيا ڪيو، جيڪو اداري سڀ کان وڌيڪ متاثر ڳوٺ خوشحال بروهي ۾ ضرورتمند گهراڻن ۾ تقسيم ڪيو ويو.

***لاڙڪاڻو / آڪٽوبر 26، 2022***

ڪنهن به ايمرجنسي يا آفت جي ڪري متاثر آبادي جي خوراڪ، پناهه، طبي مدد، صفائي، صاف پاڻي ۽ تحفظ بنيادي ضرورتون هونديون آهن، جيڪي اوليت جي بنياد تي مهيا ڪرڻ ضروري هونديون آهن. برساتي ٻوڏ 2022 واري صورتحال ڏسي لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن روشن مستقبل يونين ڪائونسل دارا تعلقو ڏوڪري پنهنجي مدد پاڻ هيٺ ڪم ڪجهه ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ۽ مقامي چونڊيل نمائندن ۽ مخير ماڻهن سان رابطو ڪيو ۽ متاثر خاندانن جي خراب صورتحال ۽ بنيادي ضرورتن بابت ٻڌايو ۽ مدد جي گهر ڪئي. جنهن جي نتيجي ۾ مليل امداد: راشن، خيما ۽ مڇر داڻيون يوسي جي مختلف ڳوٺن جي 170 غريب خاندانن ۾ ورهايا.



### ڪاميابين جون ڪهاڻيون

# مهارت ۽ تجربو عورتن جي گڏيل ڪاروبار جي ڪاميابيءَ جو بنياد بڻجي ٿو

***(سنڌ حڪومت جي مالي مدد سان هلندڙ عوام جي غربت گهٽائڻ جو پروگرام ( Peoples' Poverty Reduction (Program-PPRP ضلعو ميرپورخاص هيٺ عورتن جي جوڙيل نرسري جي ڪاروباري ترقياتي گروپ (Business Development Group-BDG) پاران ڪامياب نرسري ڪاروبار جي ڪهاڻي)***

**نعمت الله ساوند**
اسسٽنٽ مئنيجر ايم اِي آر- پي پي آر پي
سرسو هيڊ آفيس سکر

هيءَ ڪهاڻي ڀهراڙي جي عورتن جي ڪاروباري ترقياتي گروپ جي آهي. جيڪي نرسري جو ڪاروبار ڪاميابيءَ سان ڪري رهيون آهن. جن عورتن گڏيل ڪاروبار شروع ڪرڻ جو پلان جوڙيو ۽ عمل پڻ ڪري ڏيکاريو. گروپ ۾ شامل



# ڪاميابين جون ڪهاڻيون

عورتون اڻپڙهيل ۽ غير تربيت يافته ته آهن، پر ڪين خانداني زراعت ۽ پوک، ٻوٽن پوکڻ خاص طور تي انبن جي نرسري تيار ڪرڻ جو تجربو رکن ٿيون. هو پنهنجي نرسري ۾ مختلف قسم جي ڇانودار، ميويدار ۽ گلن وارا ٻوٽا تيار ڪن ٿيون ۽ وڪرو پڻ ڪن ٿيون.

ميرپورخاص جي ٻهراڙين ۾ تعليم جي شرح گهٽ هجڻ سبب ڳوٺاڻين عورتن پاران ڪاروبار ڪرڻ سندن جياپي، روزگار، غربت گهٽائڻ توڙي انهن جي سماجي ۽ معاشي ترقي لاءِ انتهائي اهم آهي. ان ڪري سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن سنڌ حڪومت جي مالي سهڪار سان هلندڙ عوام جي غربت گهٽائڻ جو پروگرام (Peoples' Poverty Reduction Program-PPRP) هيٺ ڳوٺن ۾ عورتن جا ڪارباري ترقياتي گروپ (Business Development Group-BDG) جوڙي عورتن جي معاشي خودمختياري ۽ ڪين غربت جي ڏبڻ مان ڪڍڻ چاهي ٿي. ان ڪري علائقي جي زرعي، موسمي صورتحال ۽ ضرورتن کي ڏسي وليج آرگنائيزيشن "سترام" يونين ڪائونسل وڏل شاهه تعلقو شجاع آباد ضلعي ميرپورخاص ۾ عورتن جو ڪاروباري ترقياتي گروپ (بي ڊي جي) قائم ڪيو ۽ نرسري کي گڏيل ڪاروبار طور ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. جنهن جو مقصد مختلف قسم جا ميويدار ۽ گلن وارا ٻوٽا پوکي آمدني جو ذريعو پيدا ڪرڻ آهي. عورتن پاران نرسري کي هڪ نئين ڪاروبار طور شروع ڪرڻ وڏو چئلينج هو. پر عورتن جي همت ۽ هڪ ٻئي جي تعاون ۽ سهڪار ڪرڻ جو جذبو قابل تعريف هو. ان ڪري انهن هي ڪاروبار ڪرڻ جو عملي پلان جوڙي ۽ پنهنجون ڪاروباري صلاحيتون استعمال ڪري ان کي قابلِ عمل بڻايو.

گروپ جي هڪ عورت ميمبر ٻڌايو ته "جيئن ته گروپ جي سڀني عورتن کي خاص طور انبن جي باغن ۾ ڪم ڪرڻ ۽ ان جون نرسريون پوکڻ ۽ لڳائڻ جي ڄاڻ ۽ تجربو آهي. اسين ٻير ۽ ٻيا وڻ پڻ پوکڻ ۽ انهن جي سنڀال ڪرڻ ڄاڻون ٿيون. ان ڪري نرسري جي سٺي نموني سنڀال ڪري رهيون آهيون. اسين سڀ گڏجي نرسري تي صبح کان شام تائين ڪم ڪيون ٿا،پهريون اسين نرسري ۾ ٻوٽا پوکيون ٿا ۽ تيار ڪري وڪري لاءِ رکون ٿا. اهڙيءَ طرح نرسري جو ڪاروبار ٻوٽا پوکيندڙ، سنڀاليندڙ توڙي وڪرو ڪرڻ وارن کي روزگار مهيا ڪري ٿو جيڪواسين عورتون گڏجي ڪري رهيون آهن."

ڳوٺاڻي عورتون زراعت ۽ چوپايي مال جي پالنا ۾ روايتي ڄاڻ ۽ تجربو رکن ٿيون. ان ڪري عورتون هن شعبي ۾ هڪ ڪاروباري گروپ طور وڌيڪ بهتر طريقي سان ڪم ڪري



## ڪاميابين جون ڪھاڻيون

سگھن ٿيون. ان صلاحيت کي ذھن ۾ رکي منصوبا سازي ڪرڻ سان بھتر نتيجا حاصل ڪري سگھجن ٿا. سرسوعورتن جا ڪاروباري گروپ جوڙي ڪاروبار ڪرڻ جو ڪم ڪري رھي آھي. ڪين ضروري مالي وسيلا مھيا ڪرڻ سان گڏ ڪاروبار جي بھتر انتظام جي صلاحيت وڌائڻ جي مقصد سان مختلف قسم جون تربيتون پڻ ڪرايون وڃن ٿيون.

تمام گھٽي مشڪلاتن جھڙُوڪ: نرسري جو صحيح انتظام، ٻجن جي چونڊ، موسم جي تبديلي، پاڻي جي کوٽ توڙي جسماني طور گھٽو ڪم ڪرڻ جي باوجود گروپ جي عورتن ھار نہ مڃي. ان بابت گروپ جي ھڪ ٻئي ميمبر ٻڌائي ٿي تہ ” اسان عورتن کي ڪم ڪرڻ دوران اھي سڀ مسئلا سامھون آيا ۽ اسان کي اڳ ۾ ڄاڻ ھئي ان ڪري اسين ڪڏھن بہ نہ گھٻرايو ۽ اسان اڳواٽ تيار ھئاسون. ڪاروبار جي ڪاميابي اسان عورتن جي ڪاميابي آھي، ڇو تہ اھوگروپ جي عورتن جو روزگار آھي ۽ خاندان جي غربت گھٽائڻ جي اميد بہ آھي“



عورتن جي ھمت ۽ جذبو ڏسي ڪميونٽي، علائقي جا ماڻھو، سرسو توڙي سرڪاري ادارا اڳتي آيا. جن عورتن جي نرسري واري ڪاروبار جو دورو ڪيو ۽ انھن جي ڪم ۽ ھمٿ کي ساراھيو. جنھن سان ڪين وڌيڪ بھتر ڪم ڪرڻ جو حوصلو مليو.

جڏھن پھريون دفعو نرسري ۾ تيار ٿيل ٻوٽا وڪرو ڪيا ۽ منافعي طور 189،000 روپيا ڪمايا تہ گروپ جا سڀ ميمبر ڏاڍا خوش ٿيا. ان حوالي سان گروپ جي ميمبرن چيو تہ ” اھا ڪاميابي اسان سڀني جي گڏيل محنت، حوصلي ۽ ڪاروباري ڏاھپ جو نتيجو آھي. جيڪو اسان کي نيٺ مليو ۽ جنھن جي اسان سڀني کي اميد پڻ ھئي.“ انھن اھا ڳالھ وڏي اعتماد سان ڪئي. وڌيڪ انھن چيو تہ ”پھرين مرحلي جي ڪاميابي سان اسان کي حوصلو مليو ۽ اسين ڪافي نيون ڳالھيون ۽ تجرباپڻ حاصل ڪيا، جنھن جي بنياد تي اسان بھتر رٿابندي ڪري ڪاروبار جاري ڪرڻ جو سوچو آھي. پاڻ ۾ برابر منافعي ورھائڻ ڪان علاوہ باقي رقم وڌيڪ اوزار، نوان ٻج، زرعي سامان ۽ مٽيءَ جا ٿانو خريد ڪرڻ ۾ خرچ ڪئي.“

گروپ جي عورتن کي ڪجھ نيون شيون بہ سکڻ لاءِ مليون جھڙوڪ: اھا خبر پئي تہ ڪھڙن ٻوٽن جي وڌيڪ گھرج آھي، ان ڪري جيڪي ٻوٽا وڌيڪ خريدارن جو ڌيان ڇڪائين پيا اھي وڌيڪ پوکڻ جو منصوبو جوڙيو. ھينئر نرسري تي ميويدار ۽ گلن جي ٻوٽن ڪان علاوھ ڇانو ڏيندڙ ۽ غذائي اھميت وارا وڻ جھڙُوڪ: نم ۽ سُھانجھڙو پڻ پوکيا ويا آھن تہ جيئن ان جي واڌاري ذريعي ماحول جي بھتري سان گڏ خوراڪ جي گھٽتائي لاءِ بہ پنھنجو ڪردار ادا ڪري سگھجي.

گروپ ميمبرن نرسري ڪاروبار جي ڪاميابيءَ بابت ٻڌايو تہ ”مقامي مارڪيٽ ۽ خريدار اھم آھن، ان ڪري انھن جي ضرورتن جي خيال رکي ڪري نرسري جو ڪاروبار ڪيو وڃي. انھن جي گھرج مطابق ئي ٻوٽا تيار ڪري وڪرو ڪيا

## ڪاميابين جون ڪهاڻيون



نرسري جي ڪاروبار ۾ ڳوٺاڻي عورتن لاءِ ڪافي موقعا آهن، جيڪي ان ۾ بهتر طور ڪم ڪري سگهن ٿيون. ڇو تہ ڪين زراعت ۽ چوپائي مال جي سنڀال ڪرڻ جي روايتي ڄاڻ ۽ مهارت پيدائشي مليل آهي. ان ڪاروبار ذريعي عورتون روزگار حاصل ڪري پنهنجي خاندان جون معاشي ضروتون پوري ڪري ۽ ملڪي ترقي ۾ پنهنجو ڪردارادا ڪري سگهن ٿيون.اهڙيءَ طرح عورتن جي سماجي- معاشي خودمختياري ۽ صنفي برابري واري خواب حاصل ڪري سگهجي ٿو. ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ ڪاروبار جي لاءِ مالي وسيلنۡ جديد تحقيق ۽ معلومات تائين پُهچ هجي. ڪاروبار جي بهتر رٿا بندي ، سنڀال ۽ انتظام جي سڪيا ۽ مقامي آبادي ۽ مارڪيٽ سان رابطاڪاري مضبوط ڪري مستقل مزاجي ۽ محنت سان ڪئي وڃي.

وجن. خاص طور تي انهن سان مسلسل رابطاڪاري ضروري آهي.“

نرسري ڪاروباري گروپ ميمبرن مطابق ”گل، ميويدار، ڇانو ڏيندڙ ۽ غذائيت وارا ٻوٽا پڻ هڪ ٻار جيان بهتر ۽ مسلسل پرگهور گهرن ٿا. عملي طور ڪم ڪرڻ ڪانپوءِ اسان کي ڄاڻ پئي تہ ڪهڙي ٻوٽي کي ڪيترو پاڻي يا ٻئي خوراڪ جي ضرورت آهي، جهڙوڪ: مٽي، واري، ڪمپوسٽ، وٽاڻ جو پاڻ وغيره. ان ڪري نرسري سنڀاليندڙن کي اها ڄاڻ ، سمجهہ هجڻ ضروري آهي“.

گروپ ميمبرن جو خيال آهي تہ ”سرسو پاران مليل تربيت ۽ مسلسل رهنمائيءَ مان اهو سکيو آهي تہ نرسري جو ڪاروبار ماحول دوست آهي. اسان سڀني کي ماحول کي صاف ۽ محفوظ رکڻ ۾ پنهنجو ڪردارا ادا ڪرڻ گهرجي. اسان کي خوشي آهي تہ اسين عورتون گروپ طور پنهنجي ماحول ۽ علائقي کي نہ صرف صاف ۽ سائو رکي رهيا آهيون، پر خوبصورت بہ بڻائي رهيا آهيون. اهو اسان جي روزي روٽي جو ذريعو بہ آهي ۽ فرض بہ. ان لاءِ اسان سڀ سرسو ۽ سنڌ حڪومت جون ٿورائتيون آهيون.“



## ڪميونٽي ادارا: هڪ تعارف

# لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن "سوپ"

## يونين ڪائونسل چائوديرو ضلعو قمبر-شهدادڪوٽ (سنڌ)

| ضلعو | يونين ڪائونسل | ٺهڻ جي تاريخ | يوسي ۾ ڪل گهراڻا | منظم ڪيل گهراڻا |
|---|---|---|---|---|
| قمبر-شهدادڪوٽ | چائوديرو | مئي 10، 2017 | 2،137 | 1،695 |
| ڪل پهچ | سي اوز جو تعداد | وي اوز جو تعداد | جنرل باڊي ميمبرن جو تعداد | انتظامي باڊي ميمبرن جو تعداد |
| 79 سيڪڙو | 75 | 09 | 18 | 07 |

**يورپين يونين جي مالي سهڪار سان هلندڙ سڪسيس پروگرام تحت ڪيل اهم سرگرميون**

- ايل ايس او پاران ڪميونٽي انويسٽمينٽ فنڊ جو انتظام 6،664،000 روپيا
- 884 غريب گهراڻن ۾ ڪميونٽي انويسٽمينٽ فنڊ جا ورهايل 14،654،500 روپيا
- 177 غريب گهراڻن کي انڪم جنريٽنگ گرانٽ هيٺ ورهايل امداد 2،270،000 روپيا
- 437 گهراڻن کي مهيا ڪيل مائڪرو هيلٿ انشورنس جي سهولت
- 120 عورتن کي ٽيڪنيڪل ووڪيشنل اسڪلز ٽريننگ
- 07 مڪمل ڪيل ڪميونٽي فيزيڪل انفرا اسٽرڪچر (سي پي آءِ) جون اسڪيمون

ايل ايس او سوپ جو قيام 75 ڪميونٽي آرگنائيزيشنس (سي اوز) پاران جوڙيل 9 وليج آرگنائيزيشنس (وي اوز) گڏيل طور تي مئي 10، 2017 تي عمل ۾ آندو. ايل ايس او جون اڳواڻ عورتون يورپين يونين جي سهڪار سان هلندڙ سڪسيس پروگرام، ضلعي انتظاميه، سرڪاري ادارن، چونڊيل نمائندن توڙي پنهنجي مدد پاڻ هيٺ وڏي ڪاميابي سان مختلف عملي منصوبا ۽ سرگرميون ڪري رهيون آهن. سڪسيس پروگرام سنڌ ۾ ٻهراڙي جي عورتن کي با اختيار بڻائي رهيو آهي، جيڪي پنهنجي طاقت کي محسوس ڪري رهيون آهن ۽ گڏيل عمل ذريعي حاصل به ڪري رهيون آهن. ڪميونٽي ادارن جي ذريعي منظم ٻهراڙيءَ جون عورتون پنهنجي انساني حقن بابت آگاهي حاصل ڪري رهيون آهن، خدمتون مهيا ڪندڙ ادارن کان پڇاڻو ڪري رهيون آهن ۽ پنهنجون زندگيون بهتر بڻائڻ لاءِ عملي اُپاءَ پڻ وٺي رهيون آهن.

*بند پيل اسڪولن کي ٻيهر کولائڻ*



ميمڻ ڳوٺ جو سرڪاري پرائمري اسڪول استادن جي غير موجودگي سبب هڪ سال کان بند پيو هو. اسڪول بند ٿي وڃڻ ڪري ڳوٺ جي 300 ٻارن جو مستقل خطري هيٺ اچي رهيو هو. ڳوٺ ۾ جوڙيل وليج آرگنائيزيشن اهو مسئلو ايل ايس او جي گڏجاڻي ۾ اوٿاريو ۽ ان کي حل ڪرڻ لاءِ ايل

# ڪميونٽي ادارا: هڪ تعارف

ايس او کان مدد گهري. ايل ايس او پاران ڳڌجاڻي ۾ مسئلي جي حل لاءِ ايل ايس او جي عهديدارن ۽ وليج آرگنائيزيشن جي ٻن نمائندن تي مشتمل هڪ الڳ ڪاميٽي جوڙي وئي. ڪاميٽي لاڳاپيل تعليم کاتي جي عملدارن سان لک پڙهه ڪئي ۽ ڳڌجاڻيون ڪيون ۽ اسڪول کي استاد مهيا ڪري تعليم جو بند پيل سلسلو ٻيهر شروع ڪرڻ جو چيو. جڏهن مسئلو حل نہ ٿيو تہ اهي قمبر ضلعي هيڊ ڪواٽر وڃي ڊپٽي ڪمشنر سان مليا ۽ ان کي مسئلي جي حل ۾ مدد ڪرڻ جي اپيل ڪئي. ڪاميٽي تفصيل سان ڊي سي کي اسڪول بند ٿيڻ جو سبب، ان جي ڪري ڳوٺ جي 300 ٻارن جو تعليم وارو بنيادي انساني ۽ آئيني حق متاثر ٿيڻ ۽ ان جو حل بہ ٻڌايو. ڊي سي عورتن جي جذبي ۽ ڪوشش کي ساراهيندي اسڪول لاءِ استاد مهيا ڪرڻ جو يقين ڏياريو. اهڙيءَ طرح ايل ايس او جي ڪوشش سان ٻن مهينن اندر ڳوٺ جو اسڪول ٻيهر کُلي ويو ۽ 300 ٻارن جو رُڪيل تعليمي سلسلو شروع ٿي ويو.

### *صفائي ۾ بهتري: گهٽ خرچ ليٽرين جي تعمير*

ڳوٺن ۾ اڪثريت آبادي کي ليٽرين جي سهولت حاصل نہ هجڻ ڪري صحت ۽ صفائي هڪ وڏو مسئلو آهي. جنهن جي ڪري ڳوٺاڻي آبادي ۾ خاص طور ڊائريا ۽ مدي جو بخار ۽ ٻيون بيماريون عام ٿين ٿيون. يونين ڪائونسل جو نئون ڳوٺ بہ انهن ڳوٺن مان هڪ آهي، جتي اڪثر گهراڻن ۾ ليٽرين جي سهولت ناهي. ڳوٺ جي وي او ان کي هڪ وڏو مسئلو ۽ للڪار سمجهي حل ڪرڻ جو سوچو. ان لاءِ ڳوٺاڻي ڪميونٽي



کي ڪيٽ (Community Awareness Training-CAT)) سيشن ذريعي صفائي سُٿرائي بابت حساسيت ۽ جاڳرتا پيدا ڪئي ۽ گهرن ۾ ليٽرين جي تعمير ۽ استعمال جي اهميت ٻڌائي. جنهن کي ڪميونٽي سمجهندي اوليت جي بنياد تي حل ڪرڻ جو سوچو. ان مسئلي جي حل لاءِ ايل ايس او جي عورت اڳواڻن منگي ميموريل ٽرسٽ سان رابطو ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. ان لاءِ اڳواڻن ٽرسٽ جي نمائندن سان ملاقاتون ڪيون ۽ انهن کي ڳوٺن ۾ صفائي سٿرائي جي مسئلي جي شدت ٻڌائي ۽ غريب گهراڻن کي ليٽرين تعمير ڪرڻ ۾ مدد ڪرڻ تي راضي ڪيو. اهڙيءَ طرح ڳوٺ جي سروي ڪري حقيقي 60 غريب ترين گهراڻن جي چونڊ ڪري گهٽ لاڳت ليٽرين تعمير ڪرڻ جو عمل شروع ۽ مڪمل ڪيو. ڳوٺ جي 60 گهراڻن ۾ ليٽرين جي سهولت مهيا ٿيڻ ۽ گهر ڀاتين جي استعمال ڪانپوءِ نہ صرف انهن گهراڻن پر مجموعي طور تي پوري ڳوٺ جي صحت ۽ صفائي واري صورتحال ۾ بهتري آئي آهي.

### *سولر پئنلز جي ورهاست*



ڳوٺن ۾ بجلي جي نظام جو تمام خراب صورتحال ۾ آهي. بجلي جي شديد لوڊ شيڊنگ، تباهہ ٿيل بنيادي ڍانچي ۽ ٻين مسئلن جي ڪري اڪثر بجلي هوندي ئي ناهي. جنهن جي ڳوٺاڻي ڪاروباري سرگرمين توڙِي گهرن ۾ ماڻهن جي زندگي تي ناڪاري اثر وڌا آهن. ڳوٺ چائوديرو ۾ بہ بجلي جي ساڳي صورتحال آهي. ان مسئلي جو بہ سڀ کان وڌيڪ اثر غريب ترين گهراڻن تي پوي ٿو. غربت سبب اهي پنهنجي

# ڪميونٽي ادارا: هڪ تعارف

ڪاڌ خوراڪ جون ضرورتن جي پورائي ڪرڻ پنيان سولر جون پليٽ ونڻ ۽ لڳائڻ انهن جي وس کان ٻاهر آهي. ان ڪري ايل ايس او اهڙن غريب ترين گهراڻن جي چونڊ ڪري ان مسئلي جي حل لاءِ سوچيو. جنهن لاءِ پنهنجي يوسي جي چيئرمين سان ملڻ جو فيصلو ڪيو ۽ اهڙن گهراڻن لاءِ سولر پليٽس حاصل ڪرڻ لاءِ زور پريو. ايل ايس او عورت اڳواڻ چيئرمين سان غريب ترين گهراڻن جي مسئلن ۽ حل لاءِ ڳالهه ٻولهه ڪئي. اهڙيءَ طرح ان پاران ڳوٺ جي 40 غريب گهراڻن لاءِ يونين ڪائونسل جي فنڊ مان سولر پليٽس مهيا ڪيون. سولر جي جهڙي بنيادي سهولت مهيا ٿيڻ کان پوءِ گهراڻن ۾ ٻارن جي تعليم توڙي عام بيمارين ۾ بهتري آئي آهي.

***قومي سڃاڻپ ڪارڊز جي رجسٽريشن***

ٻهراڙي ۾ عورتن جوقومي شناختي ڪارڊز نهرائڻ هڪ مسئلو رهيو آهي. عورتن جي نادرا تائين آسان رسائي نه هجڻ ۽ گهريلو سطح تي اهميت نه ڏيڻ سبب ڪارڊز نهرائڻ مشڪل بڻجي ويجي ٿو. جڏهن ته قومي سڃاڻپ ڪارڊ عورتن کي تحفظ، ووٽ ڏيڻ جو حق، ملڪيتي حق توڙي سرڪاري سطح تي امدادي پروگرامن مان فائدو حاصل ڪرڻ جو موقعو ڏيئي ٿو. اڪثرگهراڻا روايتي سماجي قدرن جي ڪري عورتن کي شهر نادرا آفيس وڃي قطارن ۾ بيهي ڪارڊز نهرائڻ کي اهميت نٿا ڏين. ان ڪري ايل ايس او عورتن جي ان مسئلي کي سمجهندي عورتن جا وڏ ۾ وڏ ڪارڊز نهرائڻ جو فيصلو ڪيو. ان لاءِ هڪ طرفِ ڪميونٽي ۾ عورتن جي ڪارڊز جي اهميت تي جاڳرتا پيدا ڪئي، انهن کي راضي ڪيو ته اهي ڪارڊز نهرائين ۽ ان سڄي عمل ۾ سهولتڪاري مهيا پڻ ڪئي. ٻئي طرف نادرا سان

رابطو ڪيو ۽ ان کي راضي ڪيو ته ڳوٺن ۾ رجسٽريشن وين موڪلي عورتن جا ڪارڊز ناهيا وڃن.

نادرا پاران ايل ايس او کي پنهنجي وين ڏني. جنهن جي ڪري يو سي جي مختلف ڳوٺن ۾ 1000 عورتن جا قومي ڪارڊز نهرايا ويا. ايل ايس او نادرا کي ان سڄي عمل ۾ مدد ڪئي.

***ڪرونا -19 وبا بابت جاڳرتا مهم***



ڳوناٽي آبادي کي ڪرونا -19 وبا کان بچاءَ ۽ روڪ لاءِ جاڳرتا مهم جو به آغاز ڪيو. پنهنجي هر سرگرمي ۾ وبا بچاءَ جا طئي ڪيل اصولن تي خاص طور تي ماسڪ پائڻ، جسماني فاصلو رکڻ ۽ هٿ سينٽائيزڊ بابت ڳالهه ٻولهه ڪئي ۽ عمل به ڪيو. ان مهم لاءِ ڪميونٽي ريسورس پرسنز (سي آر پيز) کي تيار ڪيو. جن پنهنجي ڳوٺن ۾ وبا، ان بابت جوڙيل غلط تاثر، احتياطي اپائن ۽ وئڪسين بابت جاڳرتا پيدا ڪرڻ لاءِ سيشن منعقد ڪيا. انهن سيشن سي آر پيز پاران عملي مشقن ذريعي جسماني فاصلو رکڻ ۽ وقفي وقفي سان پوري طرح هٿ ڌوئڻ سيکاريو. سيشن خاص طور تي وبا بابت صحيح معلومات، صورتحال ۽ وئڪيسن جي اهميت تي ڳالهه ٻولهه ٿي. اهي سيشن يو سي ۾ قائم هر ڪميونٽي آرگنائزيشن ۽ وي او ۾ ڪيا ويا.

***ڪاڌ خوراڪ جي ورهاست***

ڪرونا-19 وبا جي شروع ۾ حڪومت پاران سخت حفاظتي اپاءَ وٺندي لاڪ ڊائون لاڳايو ويو. جنهن سان وبا جي ڦهلاءَ جي

# ڪميونٽي ادارا: هڪ تعارف

روڪڻ ۾ وڏي مدد ملي، مگر غريب ترين گهراڻن خاص طور تي روزاني اجرت تي ڪم ڪندڙ گهراڻن ۾ خوراڪ جي گهٽتائي جي شڪل ۾ سامهون آئي. جنهن ڪري اهي پنهنجا قيمتي اثاثا وڪڻڻ تي مجبور پڻ ٿيا. ايل ايس او پنهنجي رُڪن وليج آرگنائيزيشنس جي مدد سان اهڙن گهراڻن جي سجاڳپ ڪرائي ۽ انهن جي ڪاڌ خوراڪ ڪجهه ڪرڻ جو طئي ڪيو. ان لاءِ مختلف سرڪاري ، غير سرڪاري ۽ چونڊيل نمائندن سان رابطا شروع ڪيا. ايل ايس او ليڊرن پاران پنهنجي يو سي چيئرمين سان ملاقات ڪئي ۽ ڪين لاڪڊائون جي ڪري غريب گهراڻن جي خوراڪ جي ضرورت تي پوري ڪرڻ لاءِ عرض ڪيو. ان ڳڌجاڻي جي نتيجي ۾ يو سي چيئرمين 40 غريب گهراڻن کي راشن ڏيڻ جو واعدو ڪيو. ايل ايس او پاران اهڙن گهراڻن جي چونڊ ڪري راشن ڏياريو ويو.

***وڻڪاري***

دنيا ۾ موسمياتي تبديلي ۽ ماحول جا مسئلا اڄ جي دور جون اهم للڪارون آهن، جنهن جي بهتري لاءِ هر ڪنهن کي پنهنجي سطح تي پنهنجو اهم ڪردار ادا ڪرڻو آهي. ايل ايس او پڻ هن کي پنهنجو فرض سمجهي ٿي. ان ڪري وڻڪاري مهم جاري رکيو اچي. ان لاءِ پنهنجي وسيلن توڙي حڪومت جي فاريسٽ ڊپارٽمينٽ جي مدد سان وڻڪاري مهم هلائي ٿي. ان مهم جي نتيجي ۾ يو سي چائوديرو جي مختلف ڳوٺن ۾ ماڻهن کي وڻن جي اهميت تي جاڳرتا پيدا ڪئي ۽ 1000 کان وڌيڪ وڻ پڻ لڳايا ويا آهن. انهن وڻن ۾ خاص طور ميويدار وڻ به شامل آهن. جنهن جو مقصد ماحول کي صاف رکڻ، ماڻهن جي چانو توڙي غذائي ضرورت پوري ڪرڻ آهي.

***ڪميونٽي صفائي کي فروغ ڏيڻ***

ڪميونٽي ريسورس پرسنز (سي آر پيز) پاران صحت ۽ صفائي تي ڪيٽ جاڳرتا سيشنس ڪيا وڃن ٿا ته جيئن ڪميونٽي سطح تي اهم مسئلن تي آگاهي پيدا ڪري مسئلن جي حل لاءِ ڪجهه ڪري سگهجي. ايل ايس او سوپ پاران ان ڪم کي عملي شڪل ڏيڻ لاءِ پنهنجي وليج آرگنائيزيشنس جي مدد سان ڳوٺن ۾ صفائي مهم شروع ڪئي ۽ ان جي نگراني لاءِ ڪاميٽي پڻ قائم ڪئي وئي. ان مهم هيٺ ڪميونٽي آرگنائيزيشنس (سي اوز) کي به شامل ڪيو ويو ۽ انهن جي مدد سان ڳوٺن جي پاڙن ۾ صفائي تي جاڳرتا ويهڪون ۽ گهٽيون صاف ڪيون ويون. گهر ۽ مال جي گند ڪچري جي لاءِ مناسب جڳهون جدا ڪيون ويون ۽ ڪچري کي گڏ ڪرڻ شروع ڪيو ويو.

***ايل ايس او پاران پنهنجي مدد پاڻ تحت ۽ حڪومت جي سهڪار سان ڪيل اهم سرگرميون***

- بند پيل اسڪول بيهر ڪولائي تعليم جو سلسلو شروع ڪرايو جنهن سان 300 ٻارن کي تعليم جو حق حاصل ٿيو.
- 40 غريب ترين گهراڻن کي گهٽ خرچ ليٽرين ٺهرائڻ ۾ مدد ڪئي وئي، جنهن سان ڳوٺن ۾ صحت ۽ صفائي جي صورتحال ۾ بهتري آئي.
- 40 غريب ترين گهراڻن کي سولر پليٽون حاصل ڪرڻ ۾ مدد ڪئي وئي جنهن سان گهراڻن کي روشني ۽ گرمي کان بچاءُ ۾ مدد ملي.
- يونين ڪائونسل ۾ ننڍپڻ جي شادين کي روڪڻ جي مهم هلائي، جنهن سان ٻارن جي شادين جي واقعن ۾ گهٽتائي آئي آهي.
- 450 عورتن کي قومي شناختي ڪارڊز ٺهرائڻ ۾ مدد ڪئي وئي، جنهن سان عورتن کي مختلف قانوني ۽ سماجي ڀلائيءَ جون خدمتون حاصل ڪرڻ ۾ مدد ملي ٿي.
- 40 غريب ترين گهراڻن کي راشن حاصل ڪرڻ ۾ مدد ڪئي وئي.
- 1000 وڻ لڳرايا ويا، جنهن جو مقصد يوسي جي ڳوٺن ۾ ماحول ۾ بهتري ۽ ميويدار وڻن مان خوراڪ حاصل ڪرڻ آهي.
- يو سي جي ڳوٺن ۾ صحت صفائي ۽ گهٽيون صاف ڪرڻ جون مهمون هلائي بهتري آندي وئي آهي.

پيورُخ

# سنڌ ۾ ترقيءَ جو شعبو ۽ غربت جي خاتمي جو سوال

زبير سومرو
مئنيجر انسٽيٽيوٽ آف مئنيجمينٽ اينڊ اسڪل ڊولپمينٽ
سرسو هيڊ آفيس سکر

ڊيولپمينٽ سيڪٽر کي سنڌ ۾ ٻه ڏهاڪا اچي پورا ٿيا آهن. هي سيڪٽر پنهنجي عروج ۽ زوال واري سج جا ٻئي پاچا ڏسي چڪو آهي. هن سيڪٽر جي فائدن ۽ نقصانن لاءِ الڳ لکڻ جي ضرورت آهي. ٿلهي ليکي، هن وقت ان سيڪٽر تي هڪ هزار الزامن جي باوجود، هي سيڪٽر هڪ زبردست نتيجا ڏيندڙ سيڪٽر جي صورت ۾ سامهون آيو آهي.

هن مضمون جو مکيه موضوع غربت ۽ غربت جي خاتمي تي ڪم ڪندڙ ادارا آهن.

غربت ڇا آهي؟ واري سوال جي جواب ۾ماهرن پاران مختلف وصفون ( Definition)ڏنيون آهن. ڪجهه معاشي ماهرن موجب جيڪو شخص روزانو 2250 ڪيلريز نيوٽريشن نه ٿو وٺي سگهي، اُهو غريب آهي. ڪجهه معاشي ماهرن موجب جيڪو شخص روزانه ٻه ڊالر نه ٿو ڪمائي سگهي، اُهو غريب آهي.

اگر ڏٺو وڃي ته هيومن ڊولپمينٽ انڊيڪس ( HDI)جي انڊيڪيٽرس ۾ ڪيترائي عنصر آهن، جن ۾ 4 اهم ترين آهن. ماڻهن جي سراسري عمر، ( Life Expectancy)صحت ( Health)، تعليم ( Education)۽ فرد جي في ڪس آمدني ( Per Capita Income)انهن چئني عنصرن کي معاشيات جا ماهر انساني ترقيءَ جي ڏاڪڻ چون ٿا.

گڏيل قومن جو ادارو UNDP هر سال هيومن ڊولپمينٽ انڊيڪيٽرس جي رپورٽ جاري ڪندو آهي، جنهن ۾ دنيا جي مڙني ملڪن جي ايڇ ڊي آءِ ( HDI)رينڪنگ ڏنل هوندي آهي. پاڪستان انهيءَ رينڪنگ ۾ 189 ملڪن مان 152هين نمبر تي آهي ۽ تقريبن ان رينڪ تي ڏهاڪن کان رهندو پيو اچي.

ٽي چار ڏهاڪا اڳ، پاڪستان ۾ ڊولپمينٽ سيڪٽر جي شروعات سوشل موبلائيزيشن يعني سماجي تحرڪ نالي هڪ تحريڪ سان ٿي، جنهن جو بانيڪار حميد اختر خان هو ۽ ان کي تحريڪ کي زور وٺرائيندڙ شعيب سلطان خان آهي. سموري ملڪ ۾ ڳوٺاڻي ترقيءَ بابت سرگرميون سرانجام ڏنيون ويون. ان جو ڀرپور فائدو گلگت بلتستان وارن ورتو. ٽيهه سال اڳ ۽ هاڻي واري گلگت جي سماجي، معاشي ۽ طبعي صورتحال ۾ زمين آسمان جو فرق آهي.

> **ٽي چار ڏهاڪا اڳ، پاڪستان ۾ ڊولپمينٽ سيڪٽر جي شروعات سوشل موبلائيزيشن يعني سماجي تحرڪ نالي هڪ تحريڪ سان ٿي، جنهن جو بانيڪار حميد اختر خان هو ۽ ان کي تحريڪ کي زور وٺرائيندڙ شعيب سلطان خان آهي**

## پيورُخ

دراصل غربت جي خاتمي تي ڪم ڪندڙ انهن ادارن پنهنجي ادارتي نشونما (Institutional Development) تي گهڻ ڌيان ڏنو آهي .

سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ سنڌ ڊولپمينٽ اسٽڊي سينٽر (SDSC) آهي، جيڪو رُورَل ڊولپمينٽ جي مضمون ۾ گريجوئيشن ۽ ماسٽرس جي ڊگري ڪرائيندو آهي. اگر سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ مرحوم نثار صديقي جهڙو ڪو ڏُور انديش (Visionary) ليبڊر هجي ها ته هو سرسو، ٽي آر ڊي پي، اين آر ايس پي يا رُورَل ڊيولپمينٽ تي ڪم ڪندڙ اهڙي ئي ڪنهن اداري سان ڪو زبردست قسم جو لاياڻتو "ايم او يُو" سائن ڪري، ٻنهي ادارن ۾ ٿيندڙ ٿيوري ۽ پريڪٽيڪل جي انٽروينشن سان غير معمولي نتيجا ڏئي پئي سگهيا.

سنڌ ۾ غربت جي خاتمي ۽ ڳوٺاڻي ترقيءَ جي غير سرڪاري ادارن کي تقريبن ٻه ڏهاڪا اچي پورا ٿيڻ وارا آهن، پر جيڪي نتيجا گهربل هئا، اُهي اجا گهٽو پري آهن. يا ايئن ڪٿي چئجي ته انهن ادارن جي رفتار تمام گهٽي سُست ۽ صفا روايتي آهي. جڏهن ته گلگت ۽ هنزه جي اچ جي صورتحال ٻي آهي.

رُورَل سپورٽ پرگرام جا اِهي ادارا غربت جي خاتمي ۽ ڳوٺاڻي ترقيءَ جا وڏا ادارا آهن، جن وٽ سنڌ جي لکين گهرن جي اُها ڊيٽا آهي جيڪا سرڪار وٽ به شايد نه آهي. اصولي طور تي ٿيڻ ته ائين کپندو هو ته غربت جي خاتمي ۽ ڳوٺاڻي ترقيءَ جي موضوعن تي انهن ادارن وٽ نيڪ ٺاڪ قسم جو هيومن رِسورس هجي، جن جا غربت جي خاتمي ۽ ڳوٺاڻي ترقيءَ جي مختلف رخن تي ڪتاب لکيل هجن.

هنن ادارن کي رُورَل اداري جي ترقيءَ سان لاڳاپيل ڪجھ مشورا ڏئي سگهجن ٿا:

1. سماجي تحرڪ (Social Mobilization) کي معاشي تحرڪ (Economic Mobilization) ۾ تبديل ڪرڻ گهرجي. جوته معاشي طور مضبوط گهراڻو يا ڳوٺ ئي سماجي طور تي مظبوط ٿي سگهي ٿو.
2. اداري کي پنهنجن پراجيڪٽس ۽ پروگرامن جي سمورين سرگرمين کي سماجي ترقي سان مشروط ڪرڻ گهرجي. مثال طور: ان ڪنهن به فرد، گهراڻي يا ڳوٺ کي ادارو ڪو به فائدو نه ڏيندو جنهن جا ٻار اسڪول داخل نه هوندا، جتي عورتن تي گهريلو تشدد ٿيندو هجي، جتي ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي ارڙهن سالن کان گهٽ عمر ۾ شادي ٿيندي هجي وغيره.
3. اداري کي ايف ايم ريڊيو سروس شروع ڪرڻ گهرجي، جنهن جي ذريعي ڪميونٽي جو اداري سان چوويهه



## پيورُخ

ڪلاڪ رابطو رهندو، ڪميونٽي کي اداري جي پروگرامن جي اَپ ڊيٽ ملندي رهندي ۽ پبلڪ سروس ميسيجز جي سروس پڻ جاري رهندي.

4. ڊجيٽيل مارڪيٽنگ تي خاص ڌيان ڏيڻ گهرجي ۽ جديد ان لاءِ آن لائن پيجز تيار ڪرائڻ گهرجن.
5. اداري ۾ ريسرچ اينڊ ڊولپمينٽ (R&D) جو شاندار شعبو قائم ڪرڻ گهرجي، جنهن ۾ آرڪائيوز، لائبرري، اِي لائبرري ۽ آڊيو وڊيو مواد هجي.
6. چونڊ آفيسرن کي مختلف شعبن ۾ اسڪالرشپ ڏئي ٻاهرن ملڪن مان پي ايڇ ڊيز ڪرائي، واپس پنهنجن ادارن ۾ آڻي، اداري ۾ جدت آڻڻ گهرجي.
7. ننڍي سطح جو هڪ سافٽ ويئر هائوس جوڙڻ گهرجي، جنهن ۾ اداري جي ايم آءِ ايس سان جڙيل گهرجون پوريون ٿي سگهن.
8. اداري کي پنجن انن ايڪڙن جو پنهنجو ووڪيشنل انسٽيٽوٽ کولڻ گهرجي، جتي بيشمار ٽريڊس جون رهائشي سهولتون هجن.
9. ملڪ جي پبلڪ توڙي پرائيويٽ اعلي تعليمي ادارن سان گهٽ ۾ گهٽ ڏهن سالن جو ايگريمينٽ سائن ڪرڻ گهرجي، جنهن ۾ مختلف موضوعن تي هڪ سال جي مدت واري ڪورس کان ٽن سالن جي ڊگري جا جديد مارڪيٽ جي رجحان موجب ڪورس ڪرائي ۽ هنرمند نوجوانن جا کيپ مارڪيٽ ۾ متعارف ڪرائجن.
10. ووڪيشنل ٽريننگ جو ڪوبه ڪورس هڪ سال کان گهٽ نه هجڻ گهرجي، ان هڪ سال دوران پريڪٽيڪل مارڪيٽ اٽيچمينٽ ۽ بزنس پلان لازمي قرار ڏجي.
11. ملڪ جي (خاص طور تي پنجاب) ڪاٽيج انڊسٽري جي چونڊ ڪمپنين سان ايگريمينٽ ڪري، پنهنجن ماڻهن کي جديد ٽيڪنالاجي جي ٽريننگ ڏيارڻ گهرجي ۽ ان کي پنهنجي ادارن ۾ متعارف ڪرائڻ گهرجي.
12. مختلف سرگرمين لاءِ اينڊرائڊ سمارٽ ايپليڪيشنز تيار ڪرائڻ گهرجن.
13. پنجن انن ايڪڙن تي مشتمل هڪ زرعي فارم هائوس جوڙڻ گهرجي، جتي ايگريڪلچر، لائيو اسٽاڪ، هارٽيڪلچر، ڪچن گارڊننگ سميت لاڳاپيل شعبن تي تحقيق ۽ سرگرميون عمل ۾ اچي سگهن.
14. اداري کي ڪرنگهي جي هڏي جي حيثيت رکندڙ سسٽمز يعني ايڇ آر، انٽرنل آڊٽ ۽ ايڊمن اينڊ فنانس وغيره کي مضبوط ڪرڻ تي خاص ڌيان ڏيڻ گهرجي.
15. حڪومت سان لهه وچڙ ڪري سنڌ جي هر ضلعي ۾ پنهنجي مستقل آفس قائم ڪرڻ گهرجي.

***(پيو رخ سلسلي شروع ڪرڻ جو مقصد ترقي، غربت جي موضوع، ترقياتي ادارن ۽ ان سان لاڳاپيل ٻين موضوعن، بنيادي سببن، ڪردار ۽ للڪارن بابت بحث ۽ ڳالهه ٻولهه جو آغاز ڪرڻ آهي . ان ۾ شامل تحريرون ليکڪن جا ذاتي خيال ۽ راءِ هوندي آهي. ان سان سرسو جو متفق هجڻ ضروري ناهي. ادارو)***



سرسوءَ ميڊيا

# سرسو جي اهم سرگرمين ۽ حاصل ڪاميابين بابت شايع ٿيل اهم خبرون

(جنوري - ڊسمبر 2022)

سهيڙيندڙ: جميل احمد سومرو
ايم اِي آر يونٽ، سرسو هيڊ آفيس سکر سنڌ




Pummy Kohli stitches a cloth at her new house build under the Low-Cost Houses program in Tando Bago area, Badin district of Sindh province, southern Pakistan on April 18, 2022. (AN Photo/Zulfiqar Kunbhar)



بدين (اپريل 26، 2022) تي عرب نيوز ۾ نالي واري صحافي ذوالفقار ڪنڀر سرسو پاران سنڌ حڪومت جي مالي مدد سان هلندڙ عوام جي غربت گھٽائڻ جو پروگرام (پي پي آر پي) ڀهراڙين جي غربت عورتن جي هنري سکيا ۽ مالي مدد جي نتيجي ۾ آيل بهتري جو ذڪر ڪيو آهي. جنهن ۾ هن پروگرام جي نتيجي ۾ گھريلو سطح تي عورتن جي خودمختياري ۽ معاشي تبديلي جو جائزو ورتو آهي.

**لاڙڪاڻو ۽ قمبر-شهدادڪوٽ**: سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) ۽ آر ايس پي اين پاران ضلعي انتظاميه لاڙڪاڻي ، قمبر-شهدادڪوٽ جي سهڪار سان ترقي جو سفر جي عنوان هيٺ منظم ڪيل ڀهراڙيءَ جي عورتن جون ڪانفرنسون منعقد ڪيون ويون . پهرين ڪانفرنس ڪانفرنس لاڙڪاڻي ۾ مارچ 22، 2022 ع ۽ ٻي قمبر ۾ جون 25، 2022 ع تي منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ پوري ضلعي ڪان هزار جي لڳ ڀڳ منظم ڳوٺاڻين عورتن ڀرپور شرڪت ڪئي. جڏهن ته طارق منظور چانڊيو (ڊپٽي ڪمشنر لاڙڪاڻو) ۽ نبي کوسو (ڊپٽي ڪمشنر قمبر) خاص مهمان هئا. ڪانفرنس ۾ اهم سرڪاري


Balochistan Times

SRSO organises conference at Qamber DC Secretariat

By Babar Ali Memon

QAMBER: A large scale Conference event was organized by Sindh Rural Support Organization (SRSO) under the EU's Success Program at the DC Secretariat Qamber.

Special guests were Deputy Commissioner Javed Nabi Khosa and SRSO Program Team Leader Jamal Mustafa Shoro, Chief Financial Officer Asif Khuhro, RSPN Officers, District Manager Srso Asad Jatoi, Social Welfare Officer Waqar Ahmed Soomro and more than one thousand women members from different areas of the district, District Government Officers of different departments and media representatives. Participating District Manager Srso Asad Jatoi welcomed the guests and presented Sindhi cultural awards Ajrak. Srso officer also presented a six year performance at the event.

Speaking on the occasion, Deputy Commissioner Javed Nabi Khoso said that Srso Qambar is doing excellent work in kamber Shahdadkot district. Women have been given equal rights in Islam. He further said that an educated woman will bring progress in the society. He was happy to make this event a success. With the cooperation of Government of Sindh, the cooperation of our officers will always be with you and Running with all the best patterns. Appreciated the Local support organization of women leaders and efforts of srso and proved through their efforts they have put to make rural communities better.

SUCCESS PROGRAM TEAM LEADER Jamal Mustafa Shoro said that the event was attended by women who highlighted the facilities included in the program including interest free loans, schemes, training.

District Manager Qamber shahdadkot Srso Asad Jatoi said that Srso has been involved in various social activities in the district and has played its full role in empowering women.



## سرسوءِ ميڊيا

ادارن جي ضلعي عملدارن پڻ شرڪت ڪئي. ڪانفرنس ۾ يورپين يونين جي مالي سهڪار سان هلندڙ سڪسيس پروگرام ذريعي منظم ڪيل ڳوٺاڻي عورتن پنهنجن جوڙيل ترقياتي ادارن، سماجي ۽ معاشي حوالي سان ڪيل ڪمن ذريعي حاصل ڪيل ڪاميابين جون ڪهاڻيون پنهنجي زباني ٻڌايون. هنن ڳالهائيندي چيو ته سرسو پاران شروع ڪيل سڪسيس پروگرام جي نتيجي ۾ نه صرف اسان جي زندگي ۾ تبديلي آئي آهي، گڏوگڏ اڳواڻيءَ واريون صلاحيتون پڻ پيدا ٿيون آهن ۽ هزارين عورتون اڳتي آيون ۽ ترقي جي عمل ۾ شامل ٿيون آهن. عورتن چيو ته تنظيمن جي قيام ڪانپوءِ گهريلو ۽ ڳوٺ سطح تي بغير وياج جي قرضن، هنري سڪيائن، صحت انشورنس ڪارڊز، ترقياتي اسڪيمن توڙي پنهنجي مدد پاڻ هيٺ ڪيترائي منصوبا شروع ڪيا ۽ ڪاميابي سان مڪمل ڪري ڳوٺاڻي ترقي، سماجي تبديلي، ترقي، عورتن جي خودمختياري ۽ غربت جي گهٽتائي ۾ واضع تبديلي آندي آهي.


9:27
images.dawn.com
IMAGES
Uzma uses a laptop in her house. Photo: Shaiwana Pathan/ Aurat Raaj
Meet Uzma Solangi, the woman starting conversations about menstruation in rural Sindh
She has made her home into the digital hub in her village of Dhundh and is spreading awareness about periods to local women.
Sarah Shamim Published 03 May, 2022 08:00am
Uzma Solangi's house is the digital cynosure in her village, Dhundh. Located in Sindh's Larkana, Dhundh is around 400 kilometres away from Karachi. Women in Dhundh typically have a predetermined life trajectory that usually encompasses marriage and children, Uzma, at

**لاڙڪاڻو (مئي 03، 2022)** ڊان اخبار هفتيواراميج شماري ۾ لاڙڪاڻي جي ڳوٺ ڍنڍ جي رهواسي مسمات عظميٰ سولنگي جي ڪهاڻي شايع ڪئي آهي. جنهن پنهنجي گهر کي ڊجيٽل هب بڻائي ڳوٺ ۾ ان جي پسگردائي ۾ عورتن کي انهن جي مسئلن خاص طور توليدي صحت بابت جاڳرتا مهيا ڪري ٿي. هي ڪهاڻي سارا شميم تحرير ڪئي آهي.


T MAGAZINE
Back to Tribune / T-Magazine / Hidden talent and the...
T-MAGAZINE | NEXT STORY
HIDDEN TALENT AND THE INDUS CLAY
Young craftswomen near the remains of ancient Moen Jo Daro are making a name for themselves
BY SARFARAZ MEMON

**لاڙڪاڻو ( مئي 2022)** موهن جي دڙي جي دور جي ڊزائين وارا زيور ۽ مورتيون ٺاهيندڙ ثمرين سولنگي ۽ ان جي فن تي تفصيلي مضمون نالي واري انگريزي اخبار ايڪسپري ٽربيون ۾ شايع ٿيو. جنهن ۾ هنرمند عورت جي سرسو جي سڪسيس پروگرام تحت حاصل ڪيل تربيت ۽ ان جي ڪم کي واڌاري ۽ مارڪيٽنگ ڪرڻ جي حوالي سان ڪيل ڪوشش جو ذڪر ڪيو آهي. هي مضمون سنڌ جي انگريزي ٻولي نالي واري صحافي محترم سرفراز ميمڻ تحرير ڪيو آهي.

**سکر (مئي 26، 2022)** نالي واري شاعره، ليکڪ ۽ عورتن جي حقن جي علمبردار (محترمه ڪشور ناهديد سرسو جو دورو

پئنل انٽرويو

## ناميارې دانشور، ليکڪ ۽ ترقياتي ماهر

# نصير ميمڻ

## سان ڳالهہ ٻولهہ

*انٽرويو پئنل: زبير سومرو، اڪرم شيخ ۽ علي انور آزاد*
*سرسو هيڊ آفيس سکر*

نصير ميمڻ نہ صرف سنڌ پر پاڪستان ۾ نالي واري دانشور، ليکڪ ۽ ترقي جي شُعبي جو ماهر طور سڃاتو وڃي ٿو. پاڻ گذريل ٽن ڏهاڪن کان ترقيءَ جي شعبي سان لاڳاپيل آهي ۽ تعليم، ماحوليات، سول سوسائٽي ۽ ڪاروباري سماجي ذميداري جي حوالي سان مُتعبر سمجهيا ويندڙ ادارن جهڙوڪ: مهراڻ انجينئرنگ يونيورسٽي ڄام شُورو، ڊبليو ڊبليو ايف-پاڪستان، ليڊ-پاڪستان، ايس پي او، پريمئر آئل انٽرنيشنل، اينگرو انرجي ليميٽڊ ۽ ايشين ڊيزاسٽر پريپرڊنيس سينٽر ۾ اهم انتظامي عهدن تي ڪم ڪيو آهي. جڏهن تہ سنڌ جي ٻهراڙي جي سماجي ۽ معاشي طور ڏتڙيل ڪميونٽين جي ترقي ۽ غربت گهٽ ڪرڻ لاءِ ڪم ڪندڙ سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) جي بورڊ آف ڊائريڪٽر طور رضاڪارانا خدمتون پڻ مهيا ڪري رهيو آهي.

نصير ميمڻ انگريزي ۽ سنڌي اخبارن ۽ رسالن ۾ باقاعدگي سان ترقي، ماحوليات، تعليم ۽ سول سوسائٽي جي ڪردار ۽ سياسي، سماجي ۽ معاشي موضوعن تي لکي ٿو. سندس ڪيترا ڪتاب پڻ ڇپجي مڃتا ماڻي چڪا آهن. هڪ دانشور طور ملڪ ۽ سنڌ جي اهم مسئلن تي واضع راءِ رکي ٿو ۽ ان کي هر فورم تي کُلي طرح اظهار ڪرڻ جي ڀرپور صلاحيت پڻ. پاڻ سول سوسائٽي، نوجوانن، اديبن ۽ سرگرم ڪارڪنن توڙي عام ماڻهن سان ويجهو رابطي ۾ رهي ٿو ۽ انهن سان مسلسل مڪالمي ۽ سکڻ ۽ سيکارڻ واري عمل تي يقين رکي ٿو.



# پئنل انٽرويو

سنڌ ۾ آيل برساتي ٻوڏ 2022 ۽ ان جي بنيادي سببن، اثرن ۽ بچاءَ جي حڪمت عملي تي لکيو پڻ آهي. ان ڪري سرسو سنڌي ميگزين جي مها ٻوڏ جي هن خاص شماري لاءِ ساٿس ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي آهي. جنهن ڪي سيني پڙهندڙ آڏو رکجي ٿي. ادارو ان لاءِ سندس ٿورائتو آهي.



**پئنل: توهان مها برساتي ٻوڏ جا سنڌ تي پيل اثرن کي ڪيئن ٿا ڏسو ۽ انهن کي گهٽ يا ختم ڪرڻ لاءِ اسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟**

**نصير ميمڻ:** جيڪا ماحولياتي برساتي ٻوڏ آئي، جنهن جو اسڪيل ڏسي آئون سمجهان ٿو ان سان سنڌ، 2 کان 3 ڏهاڪا پوئتي هلي وئي آهي. 2010-11 واريون ٻوڏيون به تمام وڏيون هيون، جن جي اثرن کان به اسان پوري طرح نڪري نه سگهيا هئا سون. گذريل 15 سالن دوران سنڌ ۾ 3 نمايان تبديليون نظر اچڻ شروع ٿيون. پهريون پڪن روڊن جو نيٽ ورڪ خاص طور تي مکيه شهرن وچ ۾ تعمير ٿيو، جنهن سان اچڻ وڃڻ جي سهولت ميسر ٿيڻ کان علاوه مجموعي ترقي جي عمل ۾ تيزي آئي. ٻيو سڄي سنڌ ۾ يونيورسٽين جو قيام عمل ۾ آيو، توڙي جو انهن جي معيار تي سوال آهن، مگر انهن جي قيام سان خاص طور تي نوجوانن ۽ ڇوڪرين جي انهن تائين پُهچ وڌي آهي ۽ ٽيون انهن علائقن ۾ بنيادي صحت جون سهولتون بهتر ٿيون. توڙي جو مسئلا به تمام گهڻا آهن، پوءِ به ان عرصي دوران بنيادي ڍانچي جي تعمير، سماجي خدمتن ۽ معاشري جي نئين سر تعمير جي عمل ۾ بهتري ۽ تيزي ڏٺي وئي.

2022 واري برساتي ٻوڏ ماڻهن کي پوئتي ڌڪي ڇڏيو آهي. جنهن سنڌ جي سوسائٽي جي گهڻ پاسائي غُربت ۽ بيوسي جا مسئلا Surfaceتي آندا آهن. آئون مثال ڏيان ٿو ته جيئن سرسو جي تازي 18 ضلعن ۾ ڪيل سروي مان خبر پئي ته سنڌ جي ٻهراڙين ۾ 60 کان 70 سيڪڙو گهر ڪچا آهن، ۽ هڪ ڪمري تي مشتمل آهن. آئون ايمانداري سان چوان ٿو ته 15 کان 20 سالن کان ڊولپمينٽ سيڪٽر ۾ آهيان، پر مون کي اها خبر نه هئي. مطلب ته هڪ اندازو هوندو هو، پر ڪا خاص انگ اکر موجود نه هئا، جن کي ريفرنس ڏئي ڪري ڪجهه چئي سگهان. ان کي بنياد بڻائي آئون پاليسي سطح تي ڳالهه ٻولهه ڪئي ۽ لکيو پڻ آهي. سنڌ حڪومت ورلڊ بئنڪ جي مدد سان برساتي ٻوڏ متاثرن کي نئين هائوسنگ پروجيڪٽ ۾ شامل به ڪيو. هاڻي اسان کي آفتن کان بچاءَ لاءِ گهڻ پاسائي، مربوط ۽ گهڻ مدي لاءِ ترقياتي حڪمت عملي اختيار ڪرڻي پوندي.

مثال، جيڪي گهر نهن ته اهي پڪا هجن، زمين جي سطح کان مٿي تعمير ٿين، ٻيو اڪثر ماڻهن کي پنهنجن گهرن جي مالڪي جو حق به ناهي ۽ ٽيون گهرن جي Re-building سان گڏ Community Re-building به ڪئي وڃي.

اسان کي روڊ انفراسٽرڪچر کي Flood Proof بڻائڻو آهي.

نيڪال جي نظام سان ڳنڍيو پوندو ۽ Early Warning Systemتي ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي. پاڻي نيڪال لاءِ قدرتي وهڪرن جي بحالي تمام ضروري آهي. پهريون اسين ٿورو گهڻو لکندا هئاسون، پر هينئر عام ماڻهو، سول سوسائٽي، ميڊيا ۽ عدالتون به ان تي ڳالهائي رهيون آهن ۽ مطالبو ڪن ٿيون ته ان جي بحالي ڪئي وڃي. ان سان حڪومت تي پريشر وڌيو آهي. ان ڪري هاڻي ان کي به اهي ڏکيا فيصلا ڪرڻا پوندا.

ان ڪري آئون چوان ٿو ته جتي سنڌ پوئتي وئي آهي، اُتي اسان کي هڪ سٺو موقعو به مليو آهي ته اسان سڀ گڏجي ڪوششُون ونئي سنڌ جي بهتر Re-buildingڪيون.

# پئنل انٽرويو

**پئنل : سرسو 2003 کان گھريلو سطح تي غربت گھٽائڻ جي پرگرام تي ڪم ڪري رهي آهي.هڪ اداري جي حيثيت ۾ اسان جون ترقي جي شعبي ۾ ڪهڙيون اوليتون هجڻ گھرجن؟**

**نصير ميمڻ :** ترقي جو شعبو جتي به ڪم ڪري ٿو، ان ۾ اسان چوندا آهيون ته ماڻهو پاڻ گڏجي پنهنجن ضرورتن ۽ مسئلن جي Priority Setting ڪن ۽ اسان صرف ان عمل ۾ انهن جي فني مدد ڪريون. پائدار ۽ شرڪتي ترقي جي پهرين فلاسافي به اها ئي آهي. 2003 ۾ سرسو سمجهيو هوندو ته پهريون ماڻهن جي غربت ته گهٽ ڪريون، جن ڪي هڪ ويلي جي ماني به نصيب ناهي، جنهن جي ڪري ئي ٻار ۽ عورتون غذا جي گھٽتائي جو شڪار آهن. ان کان پوءِ ترقي جو مرحلو شروع ڪجي. جنهن ۾ تعليم ۽ ٻين بنيادي ضرورتن تي ڌيان ڏيون.

ڏسو، جنهن ماڻهو وٽ خوراڪ، اجهو ۽ صاف پاڻي ناهي ته ان جي پهرين اوليت ۽ ضرورت اها ئي رهندي. انهن جي نه هجڻ جي ڪري سندن زندگي ۾ مشڪليون اچن ٿيون. جڏهن اهي ڪنهن ڪميونٽي ۾ پوريون ٿين ان کان پوءِ ئي ترقي جي عمل ۾ ٻين مسئلن تي ڪم ڪري سگھجي ٿو. تعليم خاص طور ڇوڪرين جي تعليم به بنيادي ضرورت آهي. اها به ملڪ ۽ معاشري ۾ فرق آهي، هيئر ته انٽرنيٽ تائين رسائي به بنيادي ضرورتن ۾ شامل آهي. ڇو جو ته جيئن جيئن سوسائٽي evolve ٿئي ٿي تيئن تيئن بنيادي ضرورتن جي تعريف تبديل ٿي وڃي ٿي.

توهان سکر جي پر پاسي ۾جيڪا ننڍن شهرن جي آبادي آهي، اتي جي ماڻهن کان بنيادي ضرورت پڇا ڪندا ته شايد اهي اسٽريٽ لائيٽس يا گھر جي پڪي گھٽي جي گھر ڪن، .جو ته انهن جون ٻيون بنيادي ضرورتون پوريون ٿي رهيون آهن، ان ڪري حڪومت يا سول سوسائٽي کي poverty graduation جي ڳالھ ڪرڻي آهي، ته پهرين ماڻهن جي انهن ٽن بنيادي ضرورتن کي پورو ڪرڻو پوندو.

**پئنل: ڇو اسان ماڻهن کي غربت مان نڪرڻ جو پائدار حل نه ڏئي سگھيا آهيون؟. اجان انهن کي مڇي ماري ڏئي رهيا آهيون، انهن کي مڇي مارڻ جو هنر نه ڏئي رهيا آهيون؟**



**نصير ميمڻ :** توهان صحيح ٿا چئون ۽ هاڻي ان ماڊل کي جانچڻ Inspect ڪرڻ جي ضرورت آهي. اها به حقيت آهي ته جيڪي extreme poverty جو شڪار آهن، انهن کي ته Social Safety Nets مان فائدو ڏيڻ گھرجي ۽ اهي اسڪيمون دنيا جي سڌريل ملڪن ۾ به پوئتي پيل غريب ماڻهن کي ڏنيون وڃن ٿيون. مگر اها Un-conditional support بلڪل نه هجڻ گھرجي. دنيا ۾ Conditional Support Models به موجود آهن. ان ۾ جيڪي گھر ڪنيان وڃن ته انهن جو مڪمل Development Ladder ناهي ڪم ڪرڻو پوندو.

ان ۾ اسان وٽ مکيه چئلينجز آهن. پهرين اسان وٽ جيڪي غربت گھٽ ڪرڻ يا مدد جا پروگرام شروع ڪيا وڃن ٿا، ان مان سياسي فائدا حاصل ڪرڻ جا مقصد شامل هوندا آهن. جنهن مان اهي پنهنجي مشهوري وڏيڪ ڪن ٿا، ۽ ماڻهو به ان جي تعريف ڪن ٿا. انهن کي پائدار بنيادن تي غربت مان نڪرڻ جو ترقياتي پلان ناهي ڪم ڪرڻ جي ضرورت يا اهميت ڪونه ٿا ڏين.

ٻيون اسان کي ڏسڻو پوندو ته جن گھرن کي اسان بار بار مدد ڪري رهيا آهن، آيا اهي گھر اهي ته ناهن جن کي اسان 6 يا 7 دفعو ڳئون يا ٻڪري ڏيئي چڪا آهيون يا واقعي ان ۾ نوان غريب ته نه اچي ويا آهن. جيئن هن ٻوڏ ۾ اندازو آهي ته 9 ملين نوان غريب شامل ٿي ويا آهن ۽ اهي اسان کي به نظر اچن ٿا. يا اهو به ڏسڻو آهي آيا جن جي اسان مدد ڪئي اهي

## پئنل انٽرويو

گهراڻا ترقي جي ٻئي مرحلي ۾ شامل ٿي ويا آهن، جن سان ان سطح تي ڪم جي ضرورت آهي. جڪڏهن ساڳو گهراڻو ساڳي سطح تي آهي ته اهو ماڊل ناڪام آهي. ها جيڪڏهن اهو گهراڻو مارڪيٽ سان سلهاڙجي ويو آهي ۽ ان جي معاشي واڌ ٿي آهي ته بهتر. اسان گهراڻي کي Economic Growth Model طرف وٺي اچڻو پوندو. ان سان ئي اهو Poverty Trappeمان نڪري سگهي ٿو. اسان کي ان ماڊل تي ڪم ڪرڻو پوندو. ان سان ئي ماڻهو مستقل طور غربت جي چڪر مان جان آجي ڪري سگهي ٿو.

**پئنل: ڊولپمينٽ سيڪٽر به ماڻهن جي** or standard Life Parameters Decent work **تي چو ڪونه پهچي سگهيو آهي، اجا به ابتدائي ضرورتن ۽ معيارن ۾ ڦاٿل آهي؟**

**نصير ميمڻ:** هڪ ته هن وقت ڊولپمينٽ سيڪٽر جو جيڪو Funding Model آهي، اهو نوي جي ڏهاڪي وارو ناهي رهيو. هاڻي ڊونرز ۽ حڪومتون اڳ ۾ ئي پاليسي فيصلا ڪري ڇڏين ٿا ته ڇا ڪرڻو آهي يا ناهي ڪرڻو. اهي پنهنجن تجزين، پابندين يا اوليتن جي بنياد تي فيصلا ڪن ٿا. جيئن هاڻي ٻوڏ کان پوءِ نون گهرن جي تعمير جو رٿيو ويو آهي، ان ۾ به اهڙا فيصلا ڪيا ويا. ڇو ته ان جو اسڪيل وڏو آهي، ماڻهن جي بنيادي اوليت گهر آهن ۽ جلد تعمير به ڪرڻا آهن، ان ڪري اهي سڀ فيصلا اڳ ۾ طئي ڪرڻا پوندا.
ٻيون جيڪي ريگيولر ترقياتي پورجيڪٽس به اچن ٿا انهن ۾ به Bottom to Top Approach ناهي رهي. اهي به



## پئنل انٽرويو

ڪنسلٽنٽس جي تجويزن ۽ سرويز جي بنياد تي Top to Bottom Approach هيٺ شروع ڪيا وڃن ٿا. ان ڪري اهي سڀ مسئلا ۽ للڪارون ترقي شعبي ۾ سامهون آهن . جنهن جي ڪري اهي پنهنجو اوليتون طئي ڪري منصوبا جوڙي عمل ۾ ناهي آڻي رهيا آهن.



**پئنل : سرسو ڪي ڪهڙي حڪمت عملي هيٺ ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي؟ جنهن سان آفتن ڪي بهتر طريقي سان منهن ڏئي سگهي؟**

**نصير ميمڻ :** پهرين مرحلي ۾ جهڙي طرح جي آفت هئي ان ۾ متاثر ماڻهن کي رليف ڏيڻو هو. ان کان پوءِ ئي Rehabilitation طرف وڌي سگهون ٿا. سرسو ٻه هڪ فنڊنگ تي پاڙيندڙ تنظيم آهي، ان ڪري مجبوري آهي ته جيڪا فنڊنگ جنهن ڪم لاءِ موجود هوندي اهو ئي ڪم ڪري سگهندي.

پر آئون چاهيندس ته هتان اڳتي جيڪو Resilient Communities جو تصور ۽ Approach آهي، ان طرف اسان کي وڃڻو پوندو. ان لاءِ هر ڳوٺ سطح تي Disaster Risk Reduction Plan جوڙي ڪم ڪرڻو پوندو. اسان وٽ هر ڳوٺ جي Vulnerability فرق ٿي سگهي ٿو. جيئن ته جيڪو ڳوٺ واهه يا بند جي ڪپ تي آهي، يا پهاڙ جي وٽ ۾ آهي ته ان جي لاءِ خطرا وڌيڪ آهن. بنسبت جيڪي عام ميدان تي آهن. ان ڪري ان جو Mitigation Plan مختلف نهندو. رڳو پلان جوڙڻ مقصد نه هجڻ گهرجي، پر ان حوالي سان سرسو کي ان ڳوٺ جي هر ترقياتي عمل ۾ ان کي نظر ۾ رکي ڪم ڪرڻو پوندو. ان جي Integration تمام ضروري آهي. ماڻهن ۽ ڪميونٽي ادارن جي صلاحيت سازي به ضروري آهي ته جيئن اهي آفتن کي بهتر طور سمجهي بهتر منهن ڏئي سگهن. ان سان ئي مقامي سطح تي آفتن جي گهٽتائي ۽ ان جي خطرن ۽ اثرن کي گهٽ ڪري سگهجي ٿو. ان لاءِ سرسو کي ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ اڳتي اچڻ گهرجي.


مثال ٻوڏ يا برساتن ۾ ڪاٺڻ لاءِ ان کي محفوظ رکڻ اهم هوندو آهي، ڇا اسان هر ڳوٺ ۾ اهڙو اسٽوريج جوڙي سگهون ٿا. سڀ کان اهم ان سڄي عمل ۾ ماڻهن کي شامل ڪرڻ تمام ضروري آهي. انهن وٽ نوان خيال ۽ تجربا آهن، انهن آفتن کي منهن ڏنو آهي. ان ڪري انهن جي صلاح سان جوڙيل آفتن کي منهن ڏيڻ وارو منصوبو ئي ڪامياب ٿي سگهي ٿو.

**پئنل : ترقياتي منصوبا ڪيئن جوڙڻ گهرجن؟ جنهن سان اهي بهتر طور عمل ۾ اچي سگهن ۽ بهتر نتيجا ڏئي سگهن؟**

**نصير ميمڻ :** اهو ترقي جي شعبي جو هڪ وڏو مسئلو آهي. نوي واري ڏهاڪي تائين ڪميونٽيون ئي منصوبن جي سجاڳ ڪري ۽ تيار ڪنديون هيون ۽ ترقياتي ادارا انهن جي ان عمل ۾ فقط سهولتڪاري ڪندا هئا . پوءِ مددگار ادارا به انهن کي اوليت جي بنياد تي مالي مدد ڪرڻ ۾ خوشي محسوس ڪندا هئا. ان کانپوءِ Corporate NGOs جو دور اچي ٿو، جنهن ۾ ترقي جا منصوبا ڪنسلٽنس تيار ڪرڻ شروع ڪيا، اهو هڪ Fundamental Flaw آهي ۽ ڪنسلٽنس به اهي جيڪي اڪثر مقامي Context کان اڻ ڄاڻ آهن. ڪجهه ادارن جي اها صلاحيت هوندي آهي ۽ جيڪا هجڻ به گهرجي ته اهي مددگار ادارن - ڊونرز کي Influence ڪري پنهنجي بنيادي مسئلن، اوليتن ۽ پاليسين تي ڳالهه ٻولهه ڪري مڃائين ٿا ۽ ڊونرز کي مڃڻ به گهرجي. ڇو ته اهو منصوبو هلائڻو ان تنظيم کي ئي آهي ان ڪري ڊونرز راضي به ٿي وڃن ٿا، فقط ادارن ۽ انهن جي ليڊرشپ کي پنهنجي پوزيشن تي مضبوط ٿي بيهڻ گهرجي.

پر اسان ڏٺو آهي ته پروجيڪٽ وٺڻ جي ڊوڙ ۾ تنظيمن، ماڻهن جي مسئلن تي پنهنجي پوزيشن وٺڻ ئي ڇڏي ڏني

## پئنل انٽرويو



آهي. ان کري جيڪا شيءِ ملي ٿي وني عمل ۾ آڻين ٿا، نتيجي ۾ منصوبا گهربل نتيجا نه ڏئي نٿا سگهن. ان کري انهن جي ناڪاميابي جي ذميداري بڻجي تي اچي ٿي. ان لاءِ اين جي اوز کي پنهنجي ڪردار کي Re-visit ڪرڻ جي ضرورت آهي.


**پئنل : سرسو جي سماجي تحرڪ ۽ ڪميونٽي ادارن واري پهچ آهي. توهان ڇا ٿا سمجهو ان جو غربت گهٽ ڪرڻ يا آفتن جي گهٽتائي ۾ ڪهڙو ڪردار هجڻ گهرجي؟**

**نصير ميمڻ** : هڪ ڪميونٽي لاءِ ٽي شيون اهم آهن. هڪ ته Mobilized هجي، ٻيو Empowered ۽ ٽيون Resourceful هجي، ان سڀني عمل ۾ توهان ماڻهن کي سمجهه، سگهه ۽ وسيلا ڏيو ٿا . اهو هڪ Triangle آهي. هاڻي ان مان هڪ حصو ڪمزور ڪيون ٿا ته منصوبو هلي ويندو. پر ڪميونٽي Developed ڪونه ٿي سگهندي. اهي ٽئي جُز هڪ جيترا اهم آهن. ان مان هڪ کي ٻئي لاءِ Compromised نٿا ڪري سگهون. آئون رڳو مقامي سطح تي آفتن جي پلان جي ڳالهه ڪونه ٿو ڪريان، بلڪ مجموعي ڪميونٽي امپاورمينٽ جي ڳالهه ڪيان ٿو، آفتن جي انتظام ڪاري به ان جو هڪ حصو آهي. سماجي تحرڪ يا ڪميونٽي امپاورمينٽ جو End Result ماڻهن جو پاڻيرو ٿي پنهنجا فيصلا پاڻ ڪرڻ جي شڪل ۾ سامهون اچي ٿو. اهي پنهنجي لاءِ وسيلا پاڻ پيدا ڪرڻ جي قابل به ان سان ٿيندا آهن. جنهن سان غربت ۾ گهٽتائي آڻي تبديلي آڻي سگهجي ٿي. ان لاءِ اسان کي پنهنجي ترقياتي ماڊل ۽ پُهچ تي غور ڪرڻو پوندو. منصوبن جي ماڊل کي سماجي تبديلي جي پهچ Social Change Model سان ڳنڍڻو پوندو. پروجيڪٽ جي ڪري تبديلي نه اچڻ گهرجي بلڪ تبديلي جي ڪري پروجيڪٽ اچڻ گهرجي.

**پئنل : آخر ۾ سرسو ۽ ڪميونٽي ادارن کي توهان ڪهڙو پيغام ڏيڻ چاهيندا؟**

**نصير ميمڻ** : سرسو ۽ ساٿي ادارن کي ماڻهن کي Economically Self-Sufficient بڻائڻ لاءِ پنهنجون ڪاوشون ڪرڻ گهرجن. اهو ٿيڻ ڪانپوءِ ئي ماڻهون تعليم ۽ صحت جي بهتري لاءِ ڪجهه ڪري سگهندا. سرسو ماڻهن کي متحرڪ ڪري ٿي، تنظيمون جوڙي منظر ڪري ٿي ۽ جاڳرتا ڏيڻ وارو شاندار ڪم پڻ ڪري رهي آهي. هاڻي ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته انهن کي معاشي طور به سگهارو ڪيو وڃي. اهڙيءَ طرح سان ئي هو غربت جي ڏٻڻ مان پنهنجي جان آجي ڪري سگهن ٿا.




Equine Welfare
UCBPRP (M)
DAF PAK
Pro-People
SRSO-MF
UCBPRP (M)
MF
SAS
NPGP
PM-IFL
NPGP
DAF PAK
PM-IFL
SRSO-MF
UCBPRP (M)
AALTP
SAS
Equine Welfare
PINS-ER II
PINS-ER III
Pro-People
JICA FHBWS
PINS-ER-II
PINS-ER-III
SRSO-MF
SUCCESS
DAF PAK
SUCCESS
SRSO-MF
Equine Welfare
PINS-ER-II
PINS-ER-III
Jacobabad
Kashmore
Shikarpur
Ghotki
Qambar-Shahdadkot
Larkana
SRSO-MF
Sukkur
Equine Welfare
SRSO-IFL
SRSO-MF
USAID-Hub School
JICA - FHBWS
SRSO-MF
Dadu
Khairpur
USAID-Hub School
SRSO-MF
SRSO-IFL
PPRP
JICA - FHBWS
SRSO-MF
SRSO-IFL
Naushahroferoze
SRSO-MF
Banazirabad
Sanghar
SRSO-MF
PPRP
SRSO-MF
Jamshoro
Matiyari
Tando Allahyar
Mirpurkhas
Umarkot
PPRP
Hyderabad
T.M Khan
Karachi
Pro-People
Badin
Tharparkar
Thatta
PPRP
Sijawal
PPRP
PPRP

# سندھ رورل سپورٹ آرگنائیزیشن

سرسو کامپلیکس، شکارپور روڈ، سکر (سندھ)
فون 071-56271820    فیکس 071-5627182-111
ویب سائیٹ www.srso.org.pk